اکين جي گلاس ۾

(شاعري)

وشال

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سورهه· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

اکين جي گلاس ۾

(شاعري)

وشال

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

کتاب نمبر 104

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	اکين جي گلاس ۾
موضوع:	شاعري
شاعر:	وشال
ڇاپو پهريون:	اپريل 2018ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ:	آفتاب احمد هنگورو
ٽائيٽل:	شاهزيب ميمڻ
ڇپائيندڙ:	سمبارا پبليڪيشن
ايڊريس:	مٺو ٽاور سامهون عبرت پريس، ويجهو دوابہ پوليس لائين، گاڏي کاتو، حيدرآباد

Akheen Je Gilas me

Topic:	Poetry
By:	Wishal
Printing:	Sambara Publication Hyderabad 0300-3513966
Address:	Mithu Tower, near Ibrat Press, Dawaba Police Line, Gari Khata; Hyderabad.

مُلهہ: 250 روپيا

SOORIH SINDHI ADAB

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پنائي ڪتاب گهر حيدرآباد. سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال **جامشورو**. رابيل ڪتاب گهر **لاڙڪاڻو**، مهراڻ ڪتاب گهر **لاڙڪاڻو**. وسيم ڪتاب گهر **شڪارپور**، سنڌيڪا ڪتاب گهر **سکر**. تهذيب بڪ اسٽور **خيرپور ميرس**، ٿر ڪتاب گهر **مٺي**. الفتح نيوز ايجنسي **سکر**.

ارپنا

ڊرامہ رائيٽر، هدايت ڪار، شاعر، سچي سماجهي انسان

آسي رفيق ابڙو

۽

سنڌ ابڙا ويلفيئر ايسوسيئيشن (ساوا) جي اڳواڻ شاعر اديب ڏکي انسانيت جي خدمت ڪندڙ

قربان علي ابڙو

جي نانءُ

اداري پاران

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نوان لاڙا ۽ اسلوب ڏيندڙ ڪوتاڪارن ۾ وشال جي انفرادي لفظن جي چترڪاري ڪي ڪنهن به طرح درگذر نه ٿو ڪري سگهجي. وشال جا ردميڪل آرٽسٽڪ رچاءَ سان رچيل غزل پڙهندي يا ٻڌندي پاڻمرادو " نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين" جهڙو ورد وجود مٿان طاري ٿيندي محسوس ٿئي ٿو سندس شاعريءَ جي وڏي خوبي اها به آهي ته هو پنهنجي داخلي ڪيفيتن جي اپٽار ڪندي نه فقط پاڻ کي لفاظيءَ جي جار ڪان بچائيندو پيو اچي پر نهايت سليس ۽ عام رواجي لفظن ۾ اعليٰ پد جو مفهوم سموئي سنڌي غزل کي پنهنجي انفرادي رنگ سان اُٽڻ جو ڏانءُ به رکي ٿو اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي نوجوان شاعر پڻ سندس شاعريءَ جي تقليد ڪندا رهن ٿا ۽ وشال پاڻ پنهنجي تهيءَ جي منفرد شاعر طور پاڻ مڃائڻ ۾ ڪامياب ويو سندس رچنائون روح ۾ پيوند ٿي پراٿي مڏ جي ذائقي جي تاثير سان سرشار آهن.

پنهنجي تهيءَ جي نهايت پختي شاعر وشال جي پهرين آيل شعري مجموعي" ٿڌا رستا" کانپوءِ هڪ ڊگهي عرصي بعد " اکين جي گلاس ۾ " جي روپ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جهول ۾ اهڙي ڪوتا ڪتاب جو اضافو ٿيو آهي، جنهن ۾ هڪ شاعر جي پيار پرئي پورهئي تي پيار اچڻ به فطري هجي ٿو هوندئن به وشال پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ آڌار ڪوتا نگر ۾ پنهنجو الڳ رستو ۽ اسلوب جوڙي محبتي مايا جي نت نوان روپ پسائڻ جي ڪرت کي هٿان وجائڻ ناهي ڏنو. هڪ باضمير پورهيت شاعر پنهنجي اصولن پٽاندر زندگيءَ جي تلخ گهڙين ۾ ميناس ۽ محبت جو رس پرڻ لاءِ هر وقت اتاولو رهي ٿو. ايئن ئي وشال پنهنجي ذهني وسعتن ۾ سوچن جي وسيع پڙلاءَ يا وشالتا تي نازان هجڻ جو حق پڻ رکي ٿو ۽ يقينن شاعري جي متوالن پاران سمبارا پبليڪشن جي هن ڪرتيءَ کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

ساجد سنڌي
03003513966

پنهنجي پاران

جهڙي طرح زندگيءَ کي سمجهندي زندگي گذري ٿي وڃي، اهڙي طرح شاعريءَ کي سمجهندي بہ زندگي گذري ٿي وڃي. شاعري هرڪو پنهنجي سمجهہ جي آڌار تي ڪري پيو ۽ ڪنهن منزل تي رسڻ جي ڪوشش ۾ آهي پر پنهنجا رستا جوڙي هلڻ لاءِ ڪير ٿو سوچي. اها پيڙا پوکڻ سڀ جي وس جي ڳالهہ ناهي. منهنجي شاعري منهنجي جذبن، منهنجي خوابن ۽ خيالن جي ميراث آهي، منهنجي شاعري صرف ان کي وڻندي جنهن وٽ منهنجي احساسن جهڙا احساس هوندا. مان نندي، وڏي شاعر هجڻ جي قيد کان آزاد آهيان، مون لاءِ تہ ايترو ئي ڪافي آهي تہ منهنجو نالو شاعرن جي لسٽ ۾ لکجي ۽ هي ڪتاب بہ ان لسٽ ۾ نالو لکرائڻ جي هڪ ڪوشش آهي، مان پنهنجي استاد محترم مرحوم محب الله تبريز تنيو جو بيحد شڪرگذار آهيان، جنهن مونکي وزن تي لکڻ سيکاريو. ٿورائتو آهيان سائين پارس حميد جو جنهن مهاڳ لکي ڏنو ۽ پياري رفيق سيال جو پڻ، جنهن ڀرپور تاثر لکيو. ٿورائتو آهيان، مانواري سائڻ رخسانہ پريت صاحبہ جو جنهن منهنجي ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکي منهنجي همت افزائي ۽ عزت بخشي ۽ گڏوگڏ ٿورائتو آهيان شاعر دوستن وسيم آڪاش سيتائي ۽ معصوم بخاري جو بہ، جن پنهنجا شاعريءَ متعلق رايا لکي ڏنا.

ٿورائتو آهيان سمبارا پبليڪيشن جي سموري سٿ خاص طور ساجد سنڌيءَ جو جنهن جي محنتن ۽ محبتن جي ڪري هي ڪتاب ڇپجي اسان جي هٿن تائين پهتو. ٿورائتو آهيان آفتاب رند، احسان رند، منور چانڊيو، گل محمد پناڻ، پياري پنهل، مظفر دايو امانت کوکر، تنها سخاوت شيخ، حامد علي ابڙو ڏاڏو ڏتل ابڙو اشرف عباسي، محمد خان ابڙو خان محمد کوکر، غلام سرور گوپانگ، رياض گوپانگ، معشوق گوپانگ، سرغلام مهدي، غلام عباس عدنا، گل حسن خاصخيلي، خادم اسد خاصخيلي، غلام عباس شيخ، ربنواز سيلرو اعجاز علي چنو محرم راهڻ ابو ايليا، ستار هليو فقير تصور، عزيز قاسماڻي، منل سولنگي، انور ٻومڪي، نويد ناز پٽي، شوڪت شيخ، شيخ نديم، بدر انصاري ممتاز جويو حبيب الله ڪانڌڙو ۽ ولي ٽگڙ جو جن وٽان سدائين محبتون ملنديون آهن ۽ خاص طور سائڻ شاهده کوکر جون بہ مهربانيون.

وشال

ايئرپورٽ روڊ، محلو الله آباد لاڙڪاڻو

03433812033

03012694097

مهاڳ

جدت پسند شاعر: وشال

جرمن شاعر ۽ فلاسافر سولزي نٽسن چيو هو ته ”آرٽ، سرد ۽ اداس دل کي گرم ڪري انهيءَ کي اعليٰ روحاني تجربي لاءِ وشال ڪري ٿي، آرٽ وسيلي اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ڏنڊلا انڪشاف ٿين ٿا، جن تي عقل جي رَسائي اڻ ٿيڻي آهي“. شاعر هڪ خوبصورت آرٽسٽ آهي، هُو ذهن جي ڪينواس تي خوبصورت لفظن جا رنگ ڀري ٿو. وشال شاعر آهي، پنهنجي شاعريءَ جي وسيلي خوبصورت آرٽسٽڪ خيال پينٽ ڪري ٿو ۽ هُو غزل جو خوبصورت شاعر آهي، جنهن جي غزل جو رنگ روپ پنهنجو آهي، جيڪي غزل نواڻ ۽ جدت سان ڀريل آهن.

وشال جي غزلن سان هم ڪلام ٿيندي مون اِهو ڏٺو آهي ته وشال بنيادي طور تي مشاهدا تي غزل لکندڙ شاعر آهي، جن ۾ هن نواڻ ۽ جدت جا خوبصورت رنگ ڀريا آهن، جيئن ڪو مصور تصوير ٺاهيندي ڪاريگريءَ سان رنگن جو استعمال ڪندو آهي، تيئن وشال به ڪاريگريءَ سان لفظن جي رنگن سان نوان ۽ انوکا چِٽ چِٽيا آهن:

رنگ، خوشبو گل، هوا پوپٽ هئا،
تنهنجي پوتيءَ تي لٿا پوپٽ هئا!

❊

چڙ نديءَ کي چنڊ هو چمندو رهيو
چانڊنيءَ ۾ نيڻ ها نيرا ڀريا!

شاعري، اندر جي احساس جي آواز جو نالو آهي، ان آواز ۾ ان جي لهجي ۾ ڪيترو درد ۽ ڪيتري پيڙا سمايل آهي، اهو آواز ٻڌڻ کان پوءِ ظاهر ٿيندو اهي. وشال جي شاعريءَ ۾ وشال جو درد ڪيتري قدر سمايل آهي، يا اِهو ته وشال پنهنجي درد کي ڏانءَ سان لفظن ۾ لاهي

سگهيو آهي يا نه؟ اِهو فيصلو پڙهندڙ تڏهن ڪري سگهندو جڏهن هو وشال جي غزلن کي پڙهندو! وشال جي شاعريءَ ۾ جدت جا منفرد ۽ انوکا عڪس سمايل آهن.

چو نرم لهجو هوا جو ٿي ويو
مرڪ تنهنجي ريشمي سمجهي پئي!

هوا جو لهجو ڪيترو نه جديد 'استعارو' آهي ۽ اهڙي نئين رنگ ۽ ڍنگ جو 'استعارو' جيڪو هر دؤر ۽ هر زماني ۾ نئون ۽ اڇوتو لڳندو! نواڻ ۽ جدت پسندي جو مثال ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جي هڪ مُرڪ سان ئي هوا جو لهجو نرم ٿي وڃي!

وشال جي غزلن ۾ نواڻ ۽ جدت سندس تخليق ڪيل نين تشبيهن، تمثيلن، استعارن ۽ علامتن جي ذريعي جڏهن ظاهر ٿيندي آهي، تڏهن ان ۾ جمالياتي رنگ، تجسم ۽ ڪٿي ڪٿي اظهار جو نئون رنگ ۽ ڍنگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ان کان علاوه قدرتي نظارن ۽ منظرن جي منظرڪشي نج تخليقي انداز ۾ وشال جي غزلن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، هُو ڏٺل وائٺل منظرن ۽ نظارن کي پنهنجي تخليقي جوهر سان ويهي جهڙوڪر نئين ۽ نرالي انداز ۾ ٻيهر تخليق ڪندو آهي ۽ ايئن هُو هڪ تخليقڪار جي حيثيت ۾ قدرتي نظارن ۽ منظرن کي امرتا بخشي ڇڏيندو آهي. وشال پنهنجي غزلن ۾ عڪس نگاري جو تمام گهڻو استعمال ڪيو آهي. نامياري شاعر ازرا پائونڊ لکيو ته: ”عڪسُ هڪ اهڙي لفظي سرشتي جو نالو آهي، جيڪو جذبات ۽ ذهني واردات جي گڏيل ڪيفيتن کي خاص ۽ مقرر وقت ۾ پيش ڪري، عڪس ڪنهن شعر کي سمجهڻ جا هڪڙا اهم وسيلا آهن، ان ڪري عڪس جي تجربن واري شاعري بهتر ۽ خوبصورت شاعري چئي سگهجي ٿي“ مٿين لفظن جي روشنيءَ ۾ اچو ته عڪسن جي خوبصورتي پسون:

آسمان اُڪري وئي هوءَ، روپ روشنيءَ جو ٿي،
يا تہ ٿي حصا ٽتيون، وکري تاري تاري وئي!

❊

هوا سَر ڏي آندا پکين جا سنيها،
پئي هر لهر انتظارن ۾ جاڳي!

❊

باهہ، تاندا نہ ڪائي چٽنگ رهي،
پير اوندهہ رکي ڇڏيا رَڪَ تي!

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ: ”جديد فڪر، اظهار جي نواڻ طلبي ٿو. جديد سوچ ۾، نئين ماحول جي ترجماني ۽ ان جي منظرڪشيءَ ۾، زمان ۽ زندگيءَ جي لرزش جو احساس ملي ٿو. لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ تازگي جهلڪي ٿي. اهڙي قسم جي تخليق ڪو سؤلو ڪم ناهي، ان لاءِ نهايت سنجيدگيءَ ۽ اونهي سوچ درڪار آهي. قلمڪار کي، نئين شعري تجربي جي اظهار جي همت ۽ ڏانءُ هجي نہ تہ ان ڪانسواءِ هو روايتي خيالن جي ڳوهيل مٽيءَ کي پيو ڳوهيندو ۽ پاڻ کي ان مشغوليءَ ۾ ئي پيو خوش رکندو“ ان حوالي سان ڏسجي تہ وشال جديد فڪر کي اظهار جي نواڻ ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هُو لِيڪ تي هلڻ بجاءِ ۽ روايتي خيالن جي ورجاءَ بجاءِ نين خيالن جي مٽي ڳوهيندو نظر اچي ٿو ايئن ڪندي هو اظهار جا نوان رنگ بہ ڏيکاري وڃي ٿو:

ڪيتري پياس اک اجاريءَ ۾،
سمنڊ آيو نظر پئي واريءَ ۾!

❊

آ شهر ۾ ئي روشن انڌيرو،
ڪنهن ڪنهن گهٽيءَ ۾ اوندهہ ٻري ٿي!

❊

رڳن ۾ ريت ڊوڙي ٿي،
اندر جي اڄ ٻوڙي ٿي!

❋

هُن جي اوٻرائيءَ ۾،
ڪيتري نہ پنهنجائي!

مٿين شعرن تي غور ڪنداسين تہ اسان کي انهن ۾ اظهار جو نئون رنگ ملي ويندو ”واريءَ ۾ سمنڊ جو نظر اچڻ“، ”ڪنهن ڪنهن گهٽيءَ ۾ اوندهہ جو ٻرڻ“، ”اندر جي اڄ جو ٻوڙڻ“، ”هُن جي اوٻرائي ۾ پنهنجا ئي هئڻ“، اظهار جا اهي نوان ۽ اڻ ڇُهيل رنگ آهن، جيڪي وشال جي تخليقي ڏانءَ جو ڪمال آهن.

انهن شعرن ۾ نہ ڪائي منظرڪشي آهي ۽ نہ ئي ڪا تشبيهہ آهي، سادگيءَ سان روان دوان ۽ سَرل شعر آهن، جيڪي پنهنجي نواڻ، جدت ۽ اظهار جي نئين رنگ سان ڪر ڪنيو بيٺا آهن، ٻيو تہ انهن شعرن ۾ وشال ’ضد‘ جو استعمال ڪيو آهي، شعر يا شعرن ۾ ’ضد‘ يا ٻن مخالف جنسن جي استعمال سان خوبصورتي پيدا ٿيندي آهي، جيئن وشال جي مٿين شعرن ۾ خوبصورتي آهي.

نئين ۽ جديد غزل جي فضا جيڪا جُڙي آهي. ان ۾ ٻين شاعرن سان گڏوگڏ وشال جو ٿورو ئي سهي پر پختو پنڌ بہ ڏيکاري ڏئي پيو. ان هوندي بہ وشال جهڙي غزل جي اهم ۽ سگهاري تخليقڪار کي لاڙڪاڻي جي ادبي فضا، بہ اجا تائين قبولي ناهي سگهي ۽ هُن جي ڪيل تخليقي پورهيي کي اهميت، افاديت ۽ جوڳي ميچتا ناهي ڏني وئي، جيڪو هو لهڻي ٿو. ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ مان ان ڳالهہ تي بحث ڪرڻ نٿو چاهيان!

وشال جا ڪجهہ غزل ”مسلسل غزل“ آهن تہ وري ڪجهہ غزلن ۾ موضوعاتي حوالي سان نظماڻو رنگ بہ جهلڪي ٿو. مثال غزل جي هن شعرن تي غور ڪري ڏسو:

وڻ وڻ مان تنهنجي، خوشبو اچي ٿي،
پَن پَن ۾ تنهنجي پايل وڄي ٿي،

❊

تون ئي ڪٽي پئي، هر ساھ گل مان،
مکڙي بہ تنهنجو گهونگهٽ لڳي ٿي!

❊

هر رات تو ۾ تمکن ستارا،
هر ڏينهن جي اک تو مان کُلي ٿي!

اهڙي نموني ڏسجي تہ وشال جي غزلن جا ڪيترائي رنگ اسان جي آڏو نکري نروار ٿي بيهندا.

وشال جي شعرن ۾ هِن جو لهجو (Diction) . ان جو سڻاءُ سڀ جديد غزل سان ڳنڍيل آهي. انهن سڀ شين جي ڪري سندس غزل ۾ انفراديت ۽ تازگي محسوس ٿئي ٿي، غزل جون سٽون پڙهڻ سان ايئن محسوس ٿئي ٿو ڪا تارئون تار ندي ڏيمي ڏيمي وهي رهي آهي، جڻ اُهي شعر پڙهي ڪو آهستي آهستي ڪنن ۾ سرگوشي ڪري رهيو هجي. سندس شاعريءَ جا موضوع گهڻو تڻو سندس اندر جي داخلي (Subjective)ڪيفيت جا آهن، هُو جيڪو محسوس ڪري ٿو، پوءِ ٿو اُهي پوڳناٿون ئي سندس اندر جو آواز آهن. غزل وشال جي اندر جي اورڻ جو ڀرپور حوالو آهي. هو پنهنجو خوبصورت اظهار چٽائي سان غزل ۾ ئي ڪري سگهي ٿو پنهنجي ڪٿا ٻين تائين Communicate ڪرڻ ۾ غزل سندس اظهار جو ذريعو آهي. هر شاعر وٽ پنهنجي ڀرپور اظهار لاءِ مختلف صنفون هجن ٿيون، ڪي شاعر پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ نثري نظم، آزاد نظم ۽ ڪي شاعر پنهنجي اندر جي وارتائن ڪي غزل ۾ اظهارين ٿا. وشال پنهنجي اندر جي اڻ تڻ ۽ اُلڪن ڪي پنهنجي احساسن ۽ پنهنجي ڪيفيتن ڪي بيان ڪرڻ خوب ڄاڻي ٿو.

جن ۾ هن جي اندر جي پيڙا، هُن جي اڪيلائپ ۽ ذاتي درد جو بيرحم حقيقتون شعر جو روپ وٺي نڪري نروار ٿين ٿيون:

پچي ٿو درد جو ڦل، دل جي وڻ ۾،
اداسي ٿي اکيون کولي اڱڻ ۾!

✻

اندر جي اڻ تڻ اڌيڙيندي رهي ٿي
ٿي گذري ساھ کي توپا ڏيڻ ۾!

ڪيڏو نہ درد آهي مٿين شعرن ۾ زندگي اڌڙيل ساهن کي توپا ڏيڻ ۾ گذري پئي! زندگيءَ جون رونقون ڪٿي آهن. زندگيءَ ۾ زندگيءَ جو احساس ڪٿي آهي؟! اهڙي حالت ۾ زندگي کي ماڻڻ جو تصور ڪرڻ ئي فضول ٿو لڳي، اُهي شعر، وشال جي ذاتي زندگيءَ جو اولڙو آهن. انهن شعرن ۾ وشال جي درد جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو. جيڪي بہ دوست، وشال جي ذاتي زندگي کان واقف آهن، انهن کي خبر آهي تہ وشال ڪيئن نہ ساھ کي توپا ڏيڻ ۾ زندگي گذاري آهي!

ڪنهن بہ فنڪار جي فن يا تخليق ۾ نين فطرتي محرڪن کي ڳولڻ سان گڏ جمالياتي قدرن کي پڻ ڳوليو ويندو آهي. ايئن چوڻ بجا ٿيندو تہ انسان جي سڄي ڪوشش پاڻ کي، سماج کي، فطرت ۽ دنيا کي جماليات ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش آهي، وشال جي جمالياتي حس تمام تيز آهي ۽ هن کي اُهو پنهنجي شعرن ۾ اوتڻ اچي ٿو.

ناوَ آ ڪنول گل جي، اپسرا انهيءَ ۾ ڪا،
ڪير جي نديءَ مان ٿي، لڱ پسائي چاندي جا!

✻

تنهنجي اکين ۾ سمنڊ سمايل مجاز جا،
تنهنجي پريت ريت ۽ جوهر جمال ۾!

✻

پوپٽن جي حسين خوابن جي،
پوک آهي پڪي گلابن جي!

مٿيان شعر پڙهڻ کان پوءِ اسڪول ايج ۾ پڙهيل وليم ورڊس ورٿ جو نظم "Daffodils" ذهن جي ڪينواس تي تري تو اچي، جنهن جون ڪجهه سٽون پيش ڏيان ٿو.

(And then my heart with Pleasure fills,
And dance with daffodils.
For off, when an my couch I lie,
In vacant are in pensive mood)

وشال به وليم ورڊس ورٿ جيان خوبصورت لمحن، منظرن ۽ لقائن کي ڳوليندو رهي ٿو ۽ اُهي سڀ منظر پنهنجي اندر ۾ Paint ڪندو رهي ٿو.

هاڻوڪي دؤر ۾ ڪنهن به شاعر کي پنهنجي شاعريءَ کي شناخت ڪرائڻ ڏکيو مرحلو آهي پر وشال شاعريءَ ۾ پنهنجي شناخت ڪرائي چڪو آهي ۽ هاڻي ان کي هو ڪيتري دير تائين برقرار رکي سگهي ٿو اُهو ته وقت کي فيصلو ڪرڻو آهي، جنهن جو اسان سڀني کي انتظار رهندو.

پارس حميد
محمدي ٽائون، مين واڏو واهه روڊ حيدرآباد
03012885056

SOORIH SINDHI ADAB

شاعرن جي اٿينس جو هڪ شاعر وشال!

اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه ٿيندي ته مان هڪ وشالتا ڪي هڪ لفظ هڪ سٽ يا هڪ صفحي ۾ سوڙهو ڪري بيهاري ڇڏيان. سو به ان شخص کي، پنهنجي زندگيءَ جي هر پل کي جيئڻ جوڳو بڻائيندي اجان حوصلہ شڪن نه ٿيو آهي. منهنجو دوست وشال مان جنهن جي دوستي، محبت، وبجهڙائپ ۽ پنهنجائپ تي فخر ڪريان ٿو.

سندس شخصيت، فن ۽ فڪر الڳ الڳ ڏارائون هوندي به هڪ بيضوي پيالي اندر پاڻ ۾ الڳ دائرا ٺنا رکن. هو پنهنجي اندر جي ان ٺمورتيءَ ۾ هڪ مورت نما شخص مونکي جِينيئس، خوددار لڳندو آهي. صفا ڪاوڙجي وڃڻ وارو ۽ صفا نه ڪاوڙجڻ جهڙو هي اڌ ڇريو ۽ سچو سياڻو منهنجو محترم دوست منهنجو حال پائي رهيو آهي. وشال کي ڏسندي مونکي “Dio Genes” ياد ايندو آهي، جنهن جي مٿان وقت جي حاڪم بيهي چيو هو ته جيڪو گهرڻو اٿئي سو گُهر، توکي ڇا گهرجي. ڊايو جِينس چيو ته مونکي ڪجهه ڪونه ٿو کپي ”ٿورو پاسي تي ٿي بيهه ته جيئن مان اُس جو مزو وٺي سگهان.“

اهي ماڻهون ڪيڏا نه عجيب ٿين ٿا جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حدف هوندا آهن، ان ڪري اهي ان نفسياتي جنگ ۾ مبتلا هوندا آهن ته ڪٿي ڪجهه نه وڃائجي وڃي. اهو خوف انهن کي زندگيءَ جي حسين لمحن کان دور ڌڪيندو ويندو آهي ۽ اهي ايئن ئي بي خبر ئي رهجي ويندا آهن ته هُو پنهنجي جيون امرت ڌارا جا جوهر به وڃائيندا وڃن ٿا. پر ان شخص لاءِ ڇا چوان جنهن جو ڪو به حدف ناهي، ان کي وڃائڻ جو ڪو به خوف نه آهي. شايد انهن جي اندر ۾ ئي بيون تخليقي انيڪ ڪائناتون موجود هونديون آهن. اهي ئي ڪائنات جا ڳجهه ڳوهه ڳولي لهن ٿا. ۽ انهن جي ئي تخليقي جوهر ۾ ڪنداٽتا، ڏيان ۾ نه ايندڙ اهي احساس جاڳي اٿن ٿا. شيڪسپيئر ڪيڏو نه خوب چيو هو ته:

There are more things in haven and earth Horatio, than are dreamt of in your philosophy.

جيڪڏهن اهڙا انيڪ تصور ڪنهن جي تصور ۾ ئي نہ اچن تہ پوءِ اهي وشال جي شاعريءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

وشال جنهن لاءِ مان ائين بہ چئي سگهان ٿو تہ ان وانگر ڪو بہ زندگي نٿو گذاري سگهي. پٿر کي پاهڻ ۽ ڏکن کي ڏولي سمجهندڙ هي شخص جنهن کي مون هڪ لفظ ۾ جڏهن ڏٺو تہ اهو ئي لفظ هن جي سموري جيون ڪٿا تي تفصيلي صورت بنائي بيٺو آهي. چاڪاڻ تہ هي مون کان سٺن. صفحن ۾ سنڀالجي نٿو سگهجي. هارجي پوي ٿو تڏهن تہ اهو لفظ تہ ”هو پنهنجي جيون کي ’جيئڻ جوڳو‘ بڻائيندي اجان نہ ٿڪو آهي.“

مون هن شخص سان لاڙڪاڻي جي باقراڻيءَ روڊ تي ڪنهن بئنچ، ڪنهن صندل تي سڄي سڄي رات ويهي گڏ گذاريو آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اوچتو ئي اوچتو سانوڻ هجي يا سيارو. ڪيس اهو بہ چوندي عار محسوس نہ ڪيو آهي تہ وشال اٿ ويھ گاڏيءَ تي. هل تہ منهنجي ڳوٺ هلون ٿا.

ياد اچي ٿو هڪ دفعي رات جا ساڍا ٻارنهن ٿيا هئا. مينهن وسي رهيو هو منهنجي هٿ ۾ هڪ دوا جي شاپر هُئي ۽ اها دوا مونکي ڳوٺ پنهنجي بيمار ماءُ تائين پهچائڻي هئي. چاڪاڻ تہ هن کي تڪليف هُئي، رات جو وڳو سفر دور. لاڙڪاڻي جون حدون ختم تہ خيرپور شروع. خيرپور کان پوءِ نوشهرو فيروز شروع. ٽن ضلعن کي لتاڙڻو هيو. تہ وشال اٿ تہ هلون، ۽ هن جو انڪار نہ ڪرڻ رات جي پيٽ ۾ منهنجي ڳوٺ تائين جو ٿڪائيندڙ سفر.. بدامني، خوف، سردي ۾ مون هن کي سدائين پوريءَ استقامت سان ڏٺو آهي. منهنجي بابا جو دوست بہ هڪ شيخ صاحب هيو. چاچا شير محمد شيخ سونارو دڙي محلي وارو ۽ منهنجو دوست وشال بہ شيخ آهي، پر هن وٽ ڪا بہ شيخي ۽

مشائخي نہ آهي، ماڻهن جي گهرن جون ڀتيون ٻاهران اجريون ۽ اندران سرون ميريون هونديون آهن پر هن جي گهر جون سرون ۽ انهن جا بنياد اجراءِ مضبوط آهن. هن جي گهر جو دروازو کڙڪائيندڙ شخص بہ ايئن نٿو چئي سگهي تہ تون دروازو تبديل ڪر.

وشال منهنجو دوست وشال! جنهن لاءِ مان پنهنجي اکين کي لوٽيائن لڙڪن سان صاف ڪريان ٿو. مونکي هو ڪٿي بہ ڪنهن بہ تعلق ۾ ميرو نظر نٿو اچي، پر مان هر دوست کي کوڙ سارين خوبين سان گڏ کوڙ سارين خامين سان بہ گڏ ڏسڻ چاهيان ٿو مان ان دوست جو بہ چاڪندس، جنهن ۾ خاميون نہ هجن، چاڻ تہ ايئن هجڻ ڪري هُو ڪهڙين ڪهڙين شين کي نيڪ ڪري سگهندو؟ هن جي حصي ۾ ڪجھ نيڪ ڪرڻ هو بہ ڪجھ نہ ڪجھ هجڻ گهرجي، سواِهو لاڙڪاڻو جتي منهنجي بابا جي مرشد سائين عبدالغفار پير منا جي آخري آرامگاهہ آهي، ڇا اوهان ڪڏهن ان جي مٺي جيءَ کي جهورينڌڙ سرائڪي شاعري پڙهي آهي، ان جو هڪ طالب هيو جنهن جو دادوءَ سان تعلق آهي، ڪوسو فقير جيڪو بہ بهترين شاعر هيو جنهن چيو هو

”اڙي لاڙڪاڻا - اڙي لاڙڪاڻا،
تو ۾ رهن ٿا - منهنجا اباڻا“.

هي منهنجي دل گهرين دوستن، منهنجي نانا سائين جي ناناڻن جو لاڙڪاڻو منهنجي ڀائٽي، ڀائٽي جي نانائڻ جو لاڙڪاڻو پياري سعيد ميمڻ ۽ وشال جو لاڙڪاڻو ۽ چاچا شير محمد سوناري جو لاڙڪاڻو. سچ ۾ بہ تہ هي منهنجي اباڻن جو لاڙڪاڻو آهي. اهي منهنجا شاعر دوست نہ آهن، اهي منهنجا اباڻا شاعر دوست آهن. ان پشتو سٽن وانگر تہ ”وڇان اڳتي پئي، نهاريان پٺتي پئي، اي نيڪ انسانو پٺتي منهنجي دل رهجي وئي آهي“، پلا مان ان لاڙڪاڻي سان ڇو نہ پيار ڪريان، جتي مان پنهنجي دوست بشير هاليپوٽو کي پاڪر ڀري المهراڻ هوٽل تائين وٺي آيو هيس، جتي احسان دانش مليو هو.

مان پنهنجي سموري توانائيءَ سان اتي ڪٿي موجود آهيان جتي ڏاڍا خوبصورت شاعر رهن ٿا. جن ۾ وشال به پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هڪ پل لاءِ ڏسو ته هيءَ به اهو ئي وشال آهي، جنهن جي ماني چڻ ته ميلٽيءَ جي جنگ ۾ پچندي آهي. هن لاءِ اهو چوڻ ته هُو جلدي ۾ ڪاوڙجي پوي ٿو رسي وڃي ٿو. هن وٽ نياءُ گهٽ آهي، ڇا اوهان ڪڏهن ميدانِ جنگ ۾ ماني کائي ڏٺي آهي، ڇا اتي پنهنجو پاڻ سان نباهڻ گهٽ آهي، هر اهڙي شخص لاءِ وقت اينٽروئي هوندو آهي، جو هو صرف پاڻ سان نياءُ ڪري سگهي.

تنهنجو آهيان سنڀال تون مونکي،

وڃائجي نه وڃان.

اچو ته هڪ نظر ان ڪئبن نما گهر تي رکون جتي ڪنهن به سرڪاري اداري جي نظر نه ٿي پهچي، جتي هڪ اهڙو آرٽسٽ رهي ٿو. جنهن جي شاعري هر ان تيسمار خان کان مٿي آهي، جن جي شاعري تعلقاتن تي بيٺل آهي.

وشال جي شاعريءَ ۾ جتي فرد جي اڪيلائي آهي، اُتي سندس شاعريءَ اندر فرد جي سماجي بيهڪ اندر هڪ نفسياتي جنگ جو آئينو به آهي، جتي سماج جي ان نفسياتي بيچينيءَ کي به ڏسي سگهجي ٿو ته ارتقا جا مرحلا ڪهڙين ڪهڙين صورتن مان گذرن ٿا.

اهوئي سبب آهي جو هن جي شاعري، شاعريءَ جي دسترخوان تي صرف پنهنجي حصي جي خوراڪ منجهان جياپي جو پاڻ ڳولي ٿي ۽ جيئڻ جي سڦلتا کي چنبي ڇاٽي هيٺ آڻي ٿي.

مان وشال کي ڪنهن همدرديءَ سان وڃائڻ نٿو چاهيان، ان ڪري مان هن کي هر تخليقڪار کان الڳ ڏسڻ چاهيان ٿو. ڇاڪاڻ ته هن کي ٻين دوستن سان گڏ ٻيهاري هن جي شخصيت فن ۽ فڪر گهڻ رخو نٿو ڪرڻ چاهيان. وشال کان وشال تائين جو سفر دراصل وشال جو ئي سفر آهي، جيڪو ڏاڍو حسين ۽ خوبصورت آهي، ان جا ڪهڙا ڪهڙا

سبب ٿي سگھن ٿا، انهن جا چهرا الڳ الڳ آهن، توڙي جو مان لاڙڪاڻي جي ھين خوبصورت شاعرن جي شاعريءَ سان بہ پيار ڪريان ٿو. پر وشال جا خاص ڪري غزل ڏاڍا وڻندڙ سهڻا ۽ خوبصورت آهن.

ايترن حسين شاعرن جي لاڙڪاڻي لاءِ مان ايئن چوندس تہ ”لاڙڪاڻو شاعرن جو اٿينس آهي.“

ان دعا سان گڏ تہ شال منهنجي هن دوست جي شاعريءَ جا وار ڪڏهن بہ اڇا نہ ٿين.

رفيق سيال

ياڳوءَ جو گھر

محبت ديرو سيال

SOORIH SINDHI ADAB

نار باک جھڙي کا رات کي نکاري وئي
شبنمي نگاھن سان باھ دل ۾ ٻاري وئي

چنڊ ڦاسي گرھڻ ۾ کيترو پکاري پيو
ٽا ستارا ماتم کن، چاندني گذاري وئي

جاڳ ۾ ڏسان سپنا، ننڊ ۾ پيو جاڳان
ننڊ ھک ڦتائي ھوءَ، ننڊ ٻي سمھاري وئي

رات خواب نگري ۾، گل نوان ٽڙيا آھن
رات ماک خوشبوءَ جو، مڌ ھوا پياري وئي

بند در نہ کولين ٿيون، سڌ نٿيون ورائن کو
اڄ بہ منھنجي نيڻن کي ننڊ آ پکاري وئي

آسمان اکري وئي ھوءَ، روپ روشنيءَ جو ٿي
يا تہ ٿي حصا پٽيون، وکري تاري وئي

❖

ڪيو ڪنهن چنڊ کي زخمي، ستارا بي خبر آهن
صبح تائين نظر نظرون نظارا بي خبر آهن

ٽڙيا گل باغ ۾ ڪيڏا، نہ پريو پيٽ مالهيءَ جو
وئي خوشبو آ ڪهڙي وات، چارا بي خبر آهن

زهر آهي يا امرت آ، ڪتي هي هوش آ ڪنهن کي
وڏن ٿا هٿ پياسن جا، اجارا بي خبر آهن

ڪٺل جذبن جون قبرون مون، ڇڏيون سيني اندر جوڙي
خوشي، ڏک کان وري احساس سارا بي خبر آهن

ڪنڌيءَ تي ڪير پهتو، ڪير لهرن ۾ ويو لڙهندو
ڪندا ڳالهيون پلا ڪنهنجون ڪنارا بي خبر آهن

وشال آئي نہ دنيا ۾ رهي توکي دنياداري
تنهنجي دل جا دوا کان درد سارا بي خبر آهن

❖

سارنگ تون نہ چيڙ کو دامن پچي نہ پئي
دل جي ملھاري مند اکين مان وسي نہ پئي

جيڏو وڏو جھان آ تيڏو ئي درد آ
کا دل ڏکي پوي نہ کو دونھون دکي نہ پئي

تصوير تنھنجي ساھ کٽي ٿي انھيءَ اندر
ٽکراءِ ٿي ٽکر نہ دل شيشو ٽٽي نہ پئي

ٿي چنڊ کري کاٽ، ستارن مٿان جڏھن
تنھن وقت سمجھ دوست قيامت بہ ٿي نہ پئي

ويڙھي وجود تي ٿو ھلي کائنات کي
ھن جو لباس، ھن جي بدن تان لھي نہ پئي

ٽڪجي گلن ۾ خواب ستا شور بند کيو
ڪنھنجي ڪچيءَ ننڊ منجھان اک کلي نہ پئي

❖

سچ وانگي اپاري آ لاهڻ لڳي
زندگي نيت پاسو ورائڻ لڳي

ڇهچتو آ ڪڏهن سانت وانگي لڳو
سانت آهي ڪڏهن گنگنائڻ لڳي

چاڙهي عينڪ اکين تي لڪان ٿو پڙهان
ديد جو عمر دوکو ٻه ڪائڻ لڳي

سون جهڙو اسان جو نه سچ ٿو وڻي
ڪوڙجي ڏوڙ جڳ ۾ اگهامڻ لڳي

ڏينهن ۾ ڏينهن جهڙو انڌيرو رهيو
رات آڪاس ۾ ٽمٽمائڻ لڳي

دل ۾ روئي ستيون دل جون ناڪاميون
مفلسي سر صبر سان جهڪائڻ لڳي

ٿو جوانيءَ جي خوشبو گلن ۾ رکان
پير پيري آ مون ڏي وڌائڻ لڳي

❖

هلي پيو زندگيءَ جو رقص بابا
تماشو آهي مفلس شخص بابا

ڏٺو ننڊپڻ ۾ کو سپنو هيو مون
اجان آهي اکين ۾ عکس بابا

لڙي سج آ رکي ڪاڏي وٽن تي
گھٽيو ناهي اجان پيي حرص بابا

پڙهائي عشق جي اوکي پٽي تو
ڏنو غم درد جو آ درس بابا

ڏسي توکي هو چيڙيو رات تارن
سندرتا جو انوکو بحث بابا

اجاري آ ازل کان دل جي ڌرتي
اجان ٽورو تہ بادل برس بابا

وشال آ تون هلون، ترسي کندين چا
زمانو ٽي وڏو بي ترس بابا

❖

سرهاڻ سڌ ڪيو تہ ايامي اکيون ويون
پوپٽ جيان گلن تي اڏامي اکيون ويون

ڪيڏيون ٻريون ٿي رات ستارن جي جوت سان
سورج ڪني ڪڍي تہ وسامي اکيون ويون

ڪل ڪيل عارضي ۽ ٿيا ميل عارضي
ٿي ميگھہ ۽ ملھار مدامي اکيون ويون

نڪري پراڻي گھر مان نئين گھر جي سونھن ٿيون
بي جان بت بڻيو تہ اگھامي اکيون ويون

رنگين چا شباب وفا محبتون وشال
پنھنجا خيال خواب وڪامي اکيون ويون

❖

ڪا ڪلي مرڪي فضا جي روح ۾
پرجي وئي خوشبو هوا جي روح ۾

سپ جي ڪا آس ۾ هڪ بوند آ
اڻ ميا موتي گهٽا جي روحِ ۾

اڄ صحرا جي اڏاٽي پيٽ مان
سمنڊ اٿلي پيو صدا جي روح ۾

ساحلن جي ڇانوَ ۾ ٻيڙا ستا
ننڊ ستي هر ناخدا جي روح ۾

هر صبح سونو، سندوري شام هئي
مسڪرائيندڙ حيا جي روح ۾

جسم سان، زنجير ٽوڙي جسم جا
ڪنهن ڏنو آدم، حوا جي روح ۾

گنگنائيندي ندي وئي سمنڊ ۾
روح گڏجي ويو خدا جي روح ۾

❖

هوءَ آڳر ۾ ستي ڏيرا ٻريا
رات تارن جا بلب زيرا ٻريا

جڏهن نديءَ ڪي چنڊ هو چمندو رهيو
چانڊني ۾ نيڻ ها نيرا ٻريا

تي لباس جي سڄي اوندهه ننگي
جسم دل ۾ ديپ بي پيرا ٻريا

تنهنجا الريا انگ اُجاري عشق سان
روشنيءَ جا رنگ پاسيرا ٻريا

هن ڪنول ڪايا ڪنواري ڪنوار جي
روپ رابيليءَ اندر هيرا ٻريا

هن جي هڪڙي ڇهاءَ سان دل ۾ وشال
خيال ريشم خواب ڪشميرا ٻريا

لهرون، ندي اداس ڪنارا ڪٽي هليا
هن سمنڊ ڏي پياس اجارا ڪٽي هليا

ڏي ساٿ ڪيسين رات اجان پنڌ ڪيترو
منهنجا خيال خواب ستارا ڪٽي هليا

جنهن موڙ تي ملڻ جي تمنا جوان هئي
تنهن موڙ جي قريب نہ چارا ڪٽي هليا

پيرا پکين جا ڪيئن هوا ۾ ڪٽي پڇان
دل جا سکون چهنب ۾ سارا ڪٽي هليا

جن ۾ وتي پناهہ ڪا حالات کان ٻچي
واڳون جي وات ڏي سي سهارا ڪٽي هليا

اُلڪي جي آسمان ۾ ڪو چنڊ پيو ڪڙي
سڪ جا وشال سور نظارا ڪٽي هليا

❖

الوداعي گيت جي گونجار تي
محبتن ماتم ڪيو سر تار تي

هن پري ڪان عشق جي جيئن آڇ ڪئي
ويا ڏکي بوسا سندس رخسار تي

درد وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهيو وجود
درد واري دل چڙهي وئي دار تي

وڻ جي سيني مان ڪڍي ڪو دل ويو
اڄ پکي موٽي نہ ويٺو ڏار تي

چنڊ، سر تي تاج، تارن جو لباس
طور جي تجلي سندس سينگار تي

هوءَ حنائي هٿ پٺي لوڏي وشال
پيار جي ورڪا ڪري وئي پيار تي

❖

هن جو ڳالهين ۾ حوالو ويو اچي
لڙڪ ڳل تي بي خيالو ويو اچي

زندگي ٽاندن مٿان جهومڻ لڳي
ماتمي ڏن تي جمالو ويو اچي

موت کان توکي بچائڻ لاءِ اڄ
زهر جو سقراط! پيالو ويو اچي

هُن رکيون احساس ۾ ٻاري اکيون
دل جهانن ۾ اجالو ويو اچي

هن جي قدمن جي لڱن تي لب رکيم
ياد کو پوتر رسالو ويو اچي

اُس ڏسي تنهنجي اکين ۾ اي وشال
منهنجي نيڻن ۾ جهڙالو ويو اچي

❖

عشق جي جيڏو اثر ۾ ساهه آ
اوترو پنهنجي جگر ۾ ساهه آ

تون اکين ۾ اچان تمکين پئي
کجهه اچان منهنجي نظر ۾ ساهه آ

لاش ٿي ٻاهر وتان گهمندو پيو
قيد ڇڻ کنهن سان قبر ۾ ساهه آ

جڳ سچو ويهي ڏنو مون پاڻ ۾
هر مسافر جو سفر ۾ ساهه آ

تو اگيان دنيا سڄي آهي ننگي
پر، ستي! تنهنجو ستر ۾ ساهه آ

بت ڪٽي بي جان ڪوڪاڏي وڃي
نينهن وارن جو نگر ۾ ساهه آ

موهه محلاتن سان آ ڪهڙو وشال
ڪيئن به آ پر پنهنجي گهر ۾ ساهه آ

❖

ٻئي بهارن جي ادا تنهنجون اکيون
رنگ گل خوشبو هوا تنهنجون اکيون

تون پلر پالوٿ جل ٿل کنوٽيون
کاج وسڪارا گهٽا تنهنجون اکيون

جسم تنهنجو آهي سهڻي ڪائنات
جنهن ۾ بس آهن خدا تنهنجون اکيون

سور ساگر ۾ ٻڏڻ کان ويجهڙو
مون لئه ساحل جي صدا تنهنجون اکيون

تنهنجي مک جي، منهنجي مک جي مڌ ڀريون
سرخ ڪن ساري فضا تنهنجون اکيون

رات جگنو ڪوڪ ڪوئل جي وشال
ننڊ سپني جي وفا تنهنجون اکيون

❖

عشق جي اجان ڪويل، گيت ڳائي چاندي جا
سون جي ڪٽوري مان، ڏڪ ڀرائي چاندي جا

روز ٽي اڏامي دل، سرد هُن پهاڙن ڏي
جن ڪي روز قدرت ٽي، ورق پائي چاندي جا

مان هيس جواني جي، ننڊ جي نشي ۾ پر
ڪير وار وارن ۾، ويو لڳائي چاندي جا

چنڊ ۽ ستارا هو، سمنڊ ڪي سڏن ٿا پيا
سمنڊ پنهنجي لهرن ۾ سڏ ورائي چاندي جا

ناوَ آ ڪنول گل جي، اپسرا انهيءَ ۾ ڪا
ڪير جي نديءَ مان ٽي، لڱ پسائي چاندي جا

باغ جا ٻنل موتيا، واٽ ٿا ڏسن ڪنهنجي
ڪنهنجي لاءِ ٻيٺا سڀ، ويس پائي چاندي جا

❖

پهاڙن جون چوٽيون اورانگهي هلون ٿا
اسان منزلن کي مٿان کان ڏسون ٿا

لڳن گل ڪنڊا ٿا هوا جي بدن ۾
مگر ميڙي خوشبو اوهان لئہ اچون ٿا

آ سينو اسان جو ئي ڌرتيءَ جو سينو
سمائي نديون، سمنڊ، صحرا رکون ٿا

رکيو آهي روشن اسان چنڊ سورج
اسان ڪهڪشائون رٿيندا رهون ٿا

ڪڏهن آسمانن کان اڳتي بہ آهيون
ڪڏهن هيٺ تحت الثرا کان وڃون ٿا

اسان ميڪدا ۽ اسان جام ساقي
اسان مڌ ۾ مرڪي لبن سان لڳون ٿا

❖

هيءَ اوندهہ، جهڙ مٿي جذبات ۾
ڪا بہ چانڊوڪي نہ تنها رات ۾

وڻ ڪنارا خوبصورت پنبڻيون
خواب ٻيڙا اک نديءَ جي سانت ۾

سانت جي سيني کي چيرينديءَ وئي
ڏور هڪڙي چيخ ٿي محلات ۾

بادلن جي ويس ۾، پرديس ۾
ڪير آ برسي پيو اڌ رات ۾

هن جي ڪايا جو اڇي هڳاءُ ٿو
اڄ پيو مونکي بہ منهنجي ذات ۾

ڪير آ پاسا پٽين جا ڏئي وشال
ميڪدي ڏي ٿو وڃي برسات ۾

❖

اوهان جي اڄ جي صحرا چپن تي
جدائي جا سيئي صدما چپن تي

گلابي شام جي خوشبو اجاري
رکي چپ جڙ وئي آلا چپن تي

جڏهن هو ساهه مهڪن ساهه ۾ ٿا
تڏهن ٿا رقص ڪن نغما چپن تي

ٽڏا ٽيندا وجن ٿا هوريان هوريان
بدن جي باهه جا ٽانڊا چپن تي

بهارون ٽيون پڇائن ڪنهنجي ميندي
اٿئي ڪنهن جا هوا! سهرا چپن تي

وشال آ چنڊ جو انگ انگ چميو دل
چڙهي چانڊاڻ جي لمحا چپن تي

❖

لڳا سيني ۾ ڪڙڪي تير ڇا ڇا
لھوءَ سان ٿيو مٿيءَ تحرير ڇا ڇا

ڪري ٿو ڇا ۽ ڇا سوچي ٿو ماڻهو
اڳيان آٽي رکي تقدير ڇا ڇا

جتي ھا جھوپڙا جھانگيئڙن جا
اتي اڄ ٿي ويو تعمير ڇا ڇا

لڪيرن ۾ ڇڏي جو وقت ويو آ
رکيو سانڍي نہ سو تصوير ڇا ڇا

ڪي ننڍپڻ جون ڪھاڻيون رس رهاڻيون
ڪٿي آئي سندوءَ جي وير ڇا ڇا

ڪري ڇا ياد تون ايڏو رنين آن
ٻڌائي پئي ڏڪڻ جي هير ڇا ڇا

وشال آ اوپرائي پنھنجي گھر ۾
ٿي سوچي دل وري دلگير ڇا ڇا

❖

جڏهن مند جا ساز ڇيڙي ٿو ساوڻ
ڪِپهه جهڙيون ڪڪريون نپوڙي ٿو ساوڻ

زميني رکي زندگي ٿو پياري
پڳهاري جبل ڪيت ڪيڙي ٿو ساوڻ

هي جذبن جي جڻ سرد پوشاڪ کي پيو
گرم ياڪرن ۾ اڏيڙي ٿو ساوڻ

ڏکر جون ٻڏي چاڙ ٻندون ڪنيون هُن
تندا ڏس ڪنوڻ جا وڪوڙي ٿو ساوڻ

وڻن تي پنن جو پسي ويس پيلو
اچي سانگ ساوا سهيڙي ٿو ساوڻ

تنهنجي جسم، جوڀن ۽ ساهن جي خوشبو
مٽي مهڪ سان گڏ پڪيڙي ٿو ساوڻ

وشال اڄ اجاري بدن تي بدن جو
وسي واءُ سان وار ڇوڙي ٿو ساوڻ

❖

سپنن جو گهر حساس پڇي پور تي ويو
دل جو ٽٽو گلاس پڇي پور تي ويءِ

گهوڙي جي لت جيان هيون حالات جون لتون
تي شخص کو نراس پڇي پور تي ويو

هر گل هو باغ باغ جي خوشبو کٽي پڳو
هر پونر عام خاص پڇي پور تي ويو

تنهنجي اکين ۾ پيار پسي حوصلو وڌيو
هو حسن جو حراس، پڇي پور تي ويو

کن پل جو هو نہ ساٿ عمر ڀر جو سوال هو
وشواس ٿيو اداس پڇي پور تي ويو

هن جي وشال ناز نزاکت نظر اڳيان
ڇا هوش ڇا حواس پڇي پور تي ويو

❖

جوان اک جا جوان سپنا!
مٽيءَ جا آهن مهان سپنا.

اکين جي هوندي اکين ۾ ناهن
مڪان ۾ لامڪان سپنا

لڪي پئي چاندني اکين سان
نديءَ تي رڻ جا بيان سپنا

نہ ڪول سورج اجان اکيون تون
ڏسي پيو جڳ جهان سپنا

ڪٽي ويا رات ساپيان ڏي
زمين ۽ آسمان سپنا

ڪيا هوائن وٽن ۾ واڪا
ٽيا پکين جا ذيان سپنا

وشال منزل جي آرسيءَ ۾
گلاب رت جو گيان سپنا

❖

تن تي لباس سرخ سجائي جلال ۾
ڪيڏا حسين رنگ پريا تو خيال ۾

پازيب ريشمي ٽي وجي پير پير ۾
پنهنجو ٻہ عشق آهي ڏما ڏم ڌمال ۾

تنهنجي اکين ۾ سمنڊ سمايل مجاز جا
تنهنجي پريت ريت ۽ جوهر جمال ۾

خوشبو ٽي تيز ڪائي شرابي بهار آ
هر گل ڪلي جو رقص هوا جي آ تال ۾

تنهنجي وجود ساڻ ٽي ذرتيءَ جي ڌڙڪي دل
ٽي ڪائنات چوليون چلي چال چال ۾

تنهنجو شباب چنڊ چٽو چوڏهين جو هو
تنهنجو جوان جسم ڪري ٽو خيال ۾

هر انگ روپ رنگ رسيلي انگور جان
نازڪ نهار ڏار وجهي ٽي وشال ۾

❖

چانوَ هئي جن سان گهٽي ڪاڏي ويا
پن هوائن ۾ ڇڏي ڪاڏي ويا

موت جون لهرون ويون ڪاڏي ڪٽي
زندگي جا پاتڻي ڪاڏي ويا

ڏڻ ڦرائي واڙ ۾ وينا رئن
هُو ڏنارن جا ڏٽي ڪاڏي ويا

ڳائي ڳهلا اوچتو ئي اوچتو
الوداعي راڳڻي ڪاڏي ويا

ڇڻ تہ آثارن پڇيو پئي خلق کان
نيٺ موهن، ناچڻي ڪاڏي ويا

خواب جيون جا اٿي جوڳي وشال
موت جهڙو منڊ هٽي ڪاڏي ويا

❖

هر حسن کان وڌيڪ محبت حسين آ
گذري پئي جا دل تي قيامت حسين آ

حورون هندورا کير نديون تو مٿان فدا
تنهنجي رئي جي ڇانوَ ۾ جنت حسين آ

رنگين روپ خواب خيالن ۾ اک پيگي
جاڳي پئي ڪا دل ۾ شرارت حسين آ

سپنن جي سيج تي ٿي لهي سونهن جي پري
منظر حسين آهي، زيارت حسين آ

نوريءَ نهار چار تماچيءَ مٿان رکي
ڪينجهر جي آندي جهول ۾ قسمت حسين آ

سجدي ۾ سر آ سر جي اڳيان پاڻ آ پرين
قدمن ۾ ٿي قبول عبادت حسين آ

تنهنجي اکين ۾ سونهن جو ساگر جوان آ
ساحل جي پڻ وشال طبيعت حسين آ

❖

نت نهارن جي تمنا ٿي ڪري
اڪ اڏارن جي تمنا ٿي ڪري

منهن خزائن جو پيو پيلو ٿئي
رت بهارن جي تمنا ٿي ڪري

هن اجاري پيار جي وهندڙ ندي
پئي اجارن جي تمنا ٿي ڪري

ڇئو جلادن کي رسيون مضبوط ڪن
قوم دارن جي تمنا ٿي ڪري

ڪڏ ڪندي سان پير پنهنجي مان ڪندو
وڪ وقارن جي تمنا ٿي ڪري

مينهن هيلوڪي جي ڇڻ هر هڪ ڪٽي
تنهنجي وارن جي تمنا ٿي ڪري

سڪ سودائي زماني تي وشال
اعتبارن جي تمنا ٿي ڪري

❖

رُت جو رائو نهار ۾ آهي
ڪير منهنجي ڄمار ۾ آهي

نيٽ رستا هليا وڃي ڪاڏي
پنڌ ڇو انتظار ۾ آهي

منهنجي وک ۾ ٿي وک ڪچي ڪنهنجي
ڪير منهنجي سنيار ۾ آهي

ڪير منهنجي اکين ۾ جاڳي ٿو
ننڊ، سپنو فرار ۾ آهي

پاڻ ئي ماڳ سو رسائيندو
جنهن قطاريو قطار ۾ آهي

داغ دل جا وشال ڌوئي ٿو
ڪير معصوم پيار ۾ آهي

❖

پوپٽن جي حسين خوابن جي
پوک آهي پڪي گلابن جي

مت موڪيءَ جڏهن چڙيا ڪولي
بوءِ برسي پئي شرابن جي

جُهڙجي جهالن منجهان وجهي جهاتيون
مند مدهوش ڪر شبابن جي

اڄ اکين مان جڏهن پياري تو
ياد ڇلڪي پئي سرابن جي

ڪوڙ چهرا اچي ويا آڏو
پونءِ پٽڪي جڏهن عذابن جي

تو ڳهرجي وشال ڳالهين ۾
ميخ من ۾ رکي حجابن جي

جڏهن دل اکين مان ڳڙي رات جو
تڏهن تون نہ آئين لڙي رات جو

سچو ڏينهن سچ جي نري چانوَ ۾
جواني اڪيلي سڙي رات جو

اها ئي گهڙي اپ مان تارو ٽٽو
لڳي اک وئي جا گهڙي رات جو

اکين جي اڱڻ جا ڇتا ڦٽ جڏهن
ويا خواب لاهي ڪڙي رات جو

ڇڏي سچ ويو چنڊ ظاهر نہ ٿيو
ستارن حياتي جڙي رات جو

ڪري ڇڻ صدين جا سفر ڪي وشال
مليا سور روئي رڙي رات جو

❖

رنگ، خوشبو، گل، هوا پوپٽ هئا
تنهنجي پوتيءَ تي لٽا پوپٽ هئا

خوبصورت باغ هو دل شهر جو
خوبصورت باغ جا پوپٽ هئا

تنهنجي زلفن جي جُهڙالي شام تي
روشنيءَ جا رنگ ها پوپٽ هئا

جي لبن تان مرڪ تنهنجيءَ جا اڏيا
سي اکين ۾ گڏ ٿيا پوپٽ هئا

هن بهارن جهڙي تنهنجي ياد ۾
رات برسايا گهڻا پوپٽ هئا

رنگ تنهنجي ۾ سيئي رنگجي وشال
منهنجي سپنن جا ويا پوپٽ هئا

❖

پئي پکين جا خواب ڪنديڙي هوا
امن جا چڻ ڪيت ٿي ڪيڙي هوا

روز ٿو انسان جوڙي دائرا
سرحدن سان روز ٿي جهيڙي هوا

تون پنل بت ٿي سڪائين واءُ ۾
انگ تنهنجا ٿي اچي ميڙي هوا

ٿيو خيالن مان جڏهن تنهنجو گذر
من جي مکڙي وئي ٽيڙي هوا

تنهنجي بت وڻ جي لڏي لامن ڇيو
اچ پنن جا ساز ٿي ڇيڙي هوا

روح وکري ٿي ويو آ ڪائنات
ڪا زماني جي نئي ميڙي هوا

❖

پئي هوءَ مون لئہ ستارن ۾ جاڳي
نظر ڪيئن نہ نوري نظارن ۾ جاڳي

ٿيا لال گهنگهرو رتاپير رت تہ بہ
پيو رقص تن جي تنوارن ۾ جاڳي

سمندر جي آلي ٿڌي ريت سان پئي
ننگي ننڊ راتيون ڪنارن ۾ جاڳي

هوا سَرَ ڏي آندا پکين جا سنيها
پئي هر لهر انتظارن ۾ جاڳي

هوا ۾ گهٽا ۾ گلن ۾ بہ تنهنجي
بدن جي ٿي خوشبو بهارن ۾ جاڳي

وشال اڄ بہ رنگين گلپوش منزل
ٿي منهنجي اڄان اعتبارن ۾ جاڳي

❖

محبتن کان نراس تصويرون
خالي خالي گلاس تصويرون

مشڪ عنبر ۽ خوشبو ڪيتن جي
ڇڻ تہ وڻ وڻ جو واس تصويرون

پاڻ کان پاڻ تا پڇن پنھنجو
آئينا ۽ اداس تصويرون

ڪيترا ساھ ڪي ڏين سيبا
ھند ھند کان حساس تصويرون

ڪير گھنگھرن جو سور سمجھي ٿو
ڪير ڄاڻي رقاص تصويرون

آ وڏائي وشال دل ڏک ڏک
يا ڪٽن ٽيون ڪي ساس تصويرون

❖

کو ٻه ڪنهنجي نتو ڏکي ڏک تي
ٻار روئي سمهي پيا بک تي

هن نهاريو ڪلي ٻه پر منهنجي
مرڪ آئي نه ڪا تري مک تي

زندگي ايئن پنهنجي گذري ٿي
ڪا هجي بوند جيئن پکيءَ پک تي

پير ننگا ۽ دگ ڪنڊا ڪاوا
خون ڳاڙي هلون ٿا وک وک تي

ٻاهه ٿاندا نه ڪائي چٽنگ رهي
پير اوندهه رکي چڏيا رک تي

نانگ غربت جو آ چڙهي وينو
تنهنجي امڙا وشال مورک تي

❖

چند راتين جو چاڳ هو بن ۾
چندﭭ منهنجو ئي ڀاڳ هو بن ۾

ننڊ ويڙهي اکيون ستيون ساجهر
ڪوئي سپنو سجاڳ هو بن ۾

تن جي تارن اندر رهي رون رون
روح روڳيءَ جو راڳ هو بن ۾

ويل ويهي وڏن وراڪن ۾
ماٽيو محبوبي ماڳ هو بن ۾

جو صفحو آخري حياتيءَ جو
سو صفحو ئي مهاڳ هو بن ۾

پائي پارس وشال سون ٽيس
لوڪ ليکي ڏهاڳ هو بن ۾

❖

کنهن منجهايو مام دل وندري نٿي
آ لڙي وئي شام دل وندري نٿي

رات جي مکڙي تي نکري ٿا اچن
پرهه جا پيغام دل وندري نٿي

جي ڀريل آهن ڀڃ، خالي ٿا لڳن
زندگيءَ جا جام دل وندري نٿي

ويچ! وڻ تي کو پکي ويهي نٿو
من لڏي کا لام دل وندري نٿي

هر نظر ۾ حسن جون حيرانيون
عشق جا الهام دل وندري نٿي

کنهن کلا جي کامٽي چاهي پئي
کام! منهنجي سام دل وندري نٿي

❖

سج سَرَ ۾ ٺري رهيو آهي
پاڻي ڪيڏو ٻري رهيو آهي

ڇو اکين ۾ اکيون وسامن ٿيون
ڪير موں ۾ مري رهيو آهي

ڀونرا! تون پاڻ کي متان ٻوڙين
هو ڪنول ڏس تري رهيو آهي

روز توهارجي ٿو سپنن ۾
نند ۾ ڪو ڪري رهيو آهي

ڪو اندر ۾ ڪڇو ڪِري ٿو گهر
ٿڪ ڏئي جهڙ ٺري رهيو آهي

شهر سارا پيا وشال وڏن
ڳوٺ هر هڪ ڳري رهيو آهي

❖

ڀلي تون آئيني ۾ پس جواني
بدن تنهنجو آ شيشو رس جواني

ڀڃي وئي روح جي پاتال تائين
ڇُمائي چاهتن جو چس جواني

ڇڏيو دل تان تو لاهي، وقت لاٿو
حياتيءَ جي ڪچيءَ مان هس جواني

هوا خوشبو چمي ٿي حسن تنهنجو
گلابن جو چمي ٿو گس جواني

نچايو تو ٻُلي، رومي، سچل کي
ڀري انگ انگ امرت رس جواني

رنگن ۽ روشنين جو روپ ڌاري
جهانن جي دلين ۾ وس جواني

❖

وڃن اپ ۾ پيا گھنگھرو نچي بادل رهيا آهن
بدن ۾ ٽي کنوڻ کامي وسي بادل رهيا آهن

سموري سمنڊ جي صحرا، ڪري ظاهر ٽي چانڊوڪي
تنهنجي پوتيءَ جيان آڌو اڇي بادل رهيا آهن

نہ ڇاٽا ڪنهن پهر ڪاڏي وڃن ٽي ڏور نيٽن ڪان
هوائن ٽي قدم پنهنجا رکي بادل رهيا آهن

ٽٽي ۾ ڪا تڙپ ناهي، محبت جا مٽان منهنجي
سفر ۾ ڇانورو بڻجي هلي بادل رهيا آهن

ڪريا ٽٽي زلف رخ ٽي، جهڙو ڪنهن برفيلي ٽڪريءَ ڪي
عقيدن احترامن سان چمي بادل رهيا آهن

اکين ڪان ٽي پڇي برسات يادن جي وشال آخر
ڦٽن ٽا گاهه ٽر ۾ يا ڦٽي بادل رهيا آهن

❖

نہ سمنڊ هو، سراب هو
ڪليل اکين جو خواب هو

سڪون جي تلاش ۾
عذاب ئي عذاب هو

پنو پنو اڏي ويو
حيات جو ڪتاب هو

نہ پر هئا ڪي پوئنر ڪي
گلاب بي نقاب هو

جوان محبتن اڳيان
گناهہ پڻ ثواب هو

شباب جي خمار کان
لڄي ٿيو شراب هو

انڌو هيو سماج يا
وشال ئي خراب هو

❖

ذهن ۾ ڪا سڪي سار ڪولي ستي
خواب جي ٻانهن تي وار ڪولي ستي

هوءَ پنهنجي بدن جي هڳائن ۾ ئي
پاڻ خُمارجي پيار ڪولي ستي

سرخ جوڙي اندر نئين جواني نوان
من جي منصور لئه دار ڪولي ستي

ڪنهن جي خوشبو ٻڌي پئي، سڳا ساهه ۾
هير ڪيڏا نه ويچار ڪولي ستي

سمنڊ جي، چاندني رات سيني مٿان
ويس لاهي ستي، هار ڪولي ستي

ڪو صبح تائين جاڳيو اکين ۾ وشال
ننڊ ڪمرو وجي ڏار ڪولي ستي

❖

پوپٽ اچي لهن ٿا، رابيلي هن بدن تي
رنگن جو رقص آهي، ميندي لڳل هٿن تي

هن جي قدم قدم تي ڪيڏا هئا نہ ڦيرو
پڳلي وئي لتاڙي ارڏيون اکيون دڳن تي

مرڪي ٿي بادلن تي، برسي ٿي من جي بن تي
اڄ عشق جي اڪيلي لائي پئي لڳن تي

هاٺي لڳي ٿو گهر جي، آڱر ۾ هوءَ آ ويٺي
خمارجي هوا وئي، هن جي آ واس ون تي

ڏس شام جي سڳيءَ ۾ ڳاڙها گلاب آهن
موسم ڪنوار بڻجي، ڇانئي آ دل صحن تي

اڏري وشال اڀ تي دل جي چڪوري پنهنجو
رت سان لکي ٿي نالو ڏس چنڊ جي ڇڄن تي

❖

زخم پرجي ويا هوائن جا
نيڻ برسي پيا گهٽائن جا

چا! اڏامي تو سمنڊ جو پاڻي
هنيانءُ ٻوڙي نہ ناخدائن جا

باک جي لاکِ، ماک جا موتي
رنگ تنهنجي سيئي ادائن جا

تون مٽيءَ جي عظيم آکاڻي
چيڙ قصا نہ اپسرائن جا

کيف تنهنجي ککوريون ککريون
وار وکري ويا فضائن جا

ڏي ٻکي ٻول جي ٻڌي مونکي
درد گهٽجي وڃن دوائن جا

کو قلندر ڌمال ۾ آهي
چوڙ گهنگهرو نہ تون گهٽائن جا

❖

سانوريءَ تي شباب آيو هو
آئيني کي حجاب آيو هو

ڳوٺ پوڙهي جي رات نيڻن ۾
نئين جوانيءَ جو خواب آيو هو

جو ٻہ پٽڙ جو هو خدا هن جي
ٻڌجي پيرن ۾ آب آيو هو

حسن جي وادين منجهان ايري
عشق جو آفتاب آيو هو

هن بدن ۾ سرن جو ساگر هو
روح ٻوڙي رباب آيو هو

ڪيت خماريا مٺي مهڪي
ڪنهنجو اڏري نقاب آيو هو

شخص هو يا وشال طلسم جو
ڪائناتي ڪتاب آيو هو

❖

سرهاڻ ڪٽي تنهنجي، شامون ٿيون اچن شايد
هو سرخ فضائن ۾، پوپٽ ٿا اڏن شايد

پن پن ۾ پپل وڻ جي دل دل ڪا ستل آهي
سپنن جي هوائن جون لامون ٿيون لُڏن شايد

پنڇي نہ سي آکيرا، واهيري ورڻ کهڙو
دگ وقت وراکن ۾، لڙجي ٿا وڃن شايد

پن پن جي پيالي ۾، خوشبو سان ڀريل مڌ ڏي
مدهوش ٿيڻ کان پو، يادون نہ رهن شايد

ٿي جاڻ سڃاڻپ وئي پنهنجن ۽ پراون جي
ڇهرن جي مٿان چڙهيل ڇهرا ٿا لهن شايد

جيئڻ کان مرڻ تائين، سڀ خوف ملي ويندئي
ڪنهن رات جي جهنگل ۾، جگنو نہ ملن شايد

❖

پڇي ٿو درد جو ڦل دل جي وڻ ۾
اداسي ٿي اکيون کولي اڱڻ ۾

اکين تي شام جا پاڇا لهن ٿا
گذاري هيءَ ٻه وجبي رات رڻ ۾

ٻڌڻ لئہ جي ٻڌا نکتا نہ ٻاهر
اسان تاريون پيا ترها ترڻ ۾

اندر اڻ تڻ اڊيڙيندي رهي ٿي
ٿي گذري ساهہ کي سيبا ڏيڻ ۾

رکي اوسيئڙو کنهن دل! لڳايون
اکين جي ناوَ جون پاڙون پٽڻ ۾

وشال آ همسفر مون ساڻ دنيا
اکيلائي، اکيلائي ڏسڻ ۾

❖

نينهن برسي پيو نگوڙو آ
دل مٿيءَ جو ڪچو پنوڙو آ

هو خريدڻ تو آئينا چاهي
آيو هٿ ۾ ڪٺي هٿوڙو آ

ساپيان جي سفر ۾ پٽڪي تو
خواب اندو آ، خواب ٻوڙو آ

وقت جي ڪنوار سج ورني جو
ٿي وئي شام سرخ جوڙو آ

هن ملاقات جي حويليءَ ۾
قيد صدين کان ئي وڇوڙو آ

ڏک مسافر وشال ٻيڙن جان
تن ڪراچي آ، من منهوڙو آ

❖

بي رنگيءَ کي رنگ لايون ٿو وڃان
عمر جي هولي ملهايون ٿو وڃان

سمنڊ، چانڊوڪي نڊي جي پياس ۾
قطرو قطرو مسڪرايون ٿو وڃان

ڪنهن بدن جي مهڪندڙ آلي مٽي
سرخ روحن ۾ رچايون ٿو وڃان

ننڊ پوڙهيءَ کان جواني جا سيئي
خواب ڪنوارا بخشرايون ٿو وڃان

پياس جون دل ۾ نديون آليون اکيون
زندگي! توسان نڀايون ٿو وڃان

ڪنهن ننگيءَ اک ۾ متان ڪرٽا چين
سج سورن جا لڪايون ٿو وڃان

درد جي صحرا ۾ گل ٽڙندا وشال
ٻاجهه جا ٻوٽا لڳايون ٿو وڃان

❖

ڪڙيو چنڊ جي چانڊنيءَ جو بدن
پيو جرڪي سنڌو نديءَ جو بدن

اتاري وڳو ننڊ آڪاس جو
اکين تي لٿو شاعريءَ جو بدن

اچي تو اڳيان جيئن مرڪي ڏٺو
ويو لاهي ٿي آرسيءَ جو بدن

جڏهن ٻول تنهنجا ڪنن تي ٻريا
ويو روح تي روشنيءَ جو بدن

تو وهنجي جڏهن وار آلا ڇنڊيا
ٿڌو ٿي ويو ڌرتيءَ جو بدن

پئي بوند تنهنجي امر پيار جي
پيو ڀڪي دل جي ٻنيءَ جو بدن

سوين سمنڊ آهن اکين ۾ وشال
بدن ۾ آ پر، تشنگيءَ جو بدن

❖

SOORIH SINDHI ADAB

ساڏ ٻيلي جي نهاري شام کي
تو رکيو مرڪي لبن تي جام کي

مون نہ ڄمو جيڪو چيو تنهن کي ٻڌي
منزلن سجدا ڪيا پيغام کي

هن جي سيتا، هن سان گڏ هر حال هئي
پئي لڳو بنواس ميلو رام کي

پير پنهنجا پنڌ ۾ اڏندا رهيا
لوڪ سوچيندو رهيو گس گام کي

ماڪ ميخاني جي پئي ڪنهن موڙ تي
نيڻ تي ويجها ويا آرام کي

پيو صبح مهڪي جڏهن وڏڪار ۾
دل پکيءَ چنبڙي چميو هر لام کي

ڇا لکي پوپٽ پرن تي تون وشال!
پيو اڏائين باغ جي بدنام کي

❖

ڪيتري پياس اڪ اجاريءَ ۾
سمنڊ آيو نظر پٽي واريءَ ۾

ڪير وانگي مونکي ڇمائي ٿي
هوءَ محبت جي سردپاريءَ ۾

موتيا، رابيل ۽ گلاب چني
خار ڏي وقت تون نہ ڪاريءَ ۾

چار، هر ڪامٽيءَ وڇايا پر
چام نوريءَ جي آيو چاريءَ ۾

پيار پنڇيءَ جيان اڏي نڪتو
دل جلائي ڇڏي ڏياريءَ ۾

دل ۾ ٿي پيار جي پڇي ماني
ڪٽڪ جي بوءِ آهي ناريءَ ۾

ٻار ڦريون پٽي جٽي شايد
گل ٽڙي ٿو وشال ٽاريءَ ۾

❖

اک ٻري ٿي نڪي وسامي ٿي
ڏور سپنن ۾ ننڊ اڏامي ٿي

پئي وهاميو وڃي جواني يا
عمر جي آرزو وهامي ٿي

مست تارا تلاش تنهنجيءَ ۾
هرڪتي تنهنجا خواب ڪامي ٿي

چوڏهين رات چنڊ ساحل تي
ڪيترا سمنڊ دل اڀامي ٿي

عشق جي آرسي ٽٽي هوندي
سونهن بازار ۾ وڪامي ٿي

ڪم نہ آئي وشال دانائي
دل جي ديوانگي اگهامي ٿي

ڪا دانهن دل کي لوڏي ڇڏي ٿي
ڇلڪي اکين جي گهاگهر پوي ٿي

پيرن جي هيٺان ٻڪرين جي ڌڙ ۾
ڪا سڪ سڳيءَ ۾ مونکي ٻڌي ٿي

آ شهر ۾ ئي روشن انڌيرو
ڪنهن ڪنهن گهٽيءَ ۾ اونده ٻري ٿي

هر صبح منهنجو توسان ٿو مهڪي
هر شام تو ۾ رنگجي وڃي ٿي

جا واٽ تنهنجي پيرن جي هيٺان
سا واٽ منهنجي دل تي هلي ٿي

سپنا ڏسين ٿي شايد گلن جا
تنهنجي اکين مان خوشبو اچي ٿي

ٻرن ٽا بلب بتيون روشني نهاري ٽي
گلن جي شهر جي هر هڪ گهٽي نهاري ٽي

آ ڪوهه ڪاف تي هڪڙو قدم ٻيو جنت ۾
پڇي ٽي حور اکيون ۽ پري نهاري ٽي

دڙي ۾ هوءَ نہ رهي آهي اک کچي ئي نٽي
رسي ويو آن، چئي جڻ دري نهاري ٽي

ڇهي وجود کي منهنجي امر ٻڌائي ڇڏ
ڪري سوال صديون زندگي نهاري ٽي

مٽي ملي ٽي مٽيءَ سان نئين مٽي جوڙي
مٽي ٽي ڳوهي مٽيءَ کي مٽي نهاري ٽي

رکيو تو زنده اجان پيي اندر ۾ شاعر کي
وشال تو ڏي تڏهن شاعري نهاري ٽي

❖

بسنتي رات اندر ۾
اٿي برسات اندر ۾

ننگي اوندھ نظر آئي
ڦٽي پرڀات اندر ۾

پڙاڏا سڌ پيا گونجن
سُڃي محلات اندر ۾

پکي خاموش ٻاھر ۾
لنوين ٽو لات اندر ۾

اجان وستي ۾ ويرانو
اجان فڪرات اندر ۾

مڙيو جيئن رخ ھوائن جو
لڇي جذبات اندر ۾

وشال آ دل نہ رانديڪو
ٽٽي ٽم ذات اندر ۾

❖

پيار جا پوپٽ اڏائي سانوري
منهن رئي ۾ تي لڪائي سانوري

پوهه پارن جي اگڻ ۾ ڪيترا
مچ وڇوڙي جا مچائي سانوري

خواب جي ويٽين مروڙي تو اٽان
تي اکين ۾ مسڪرائي سانوري

اڄ تي امرت ئي اوتي تي وجي
اک ندي جهڙي ملائي سانوري

دل ۾ رانديڪا مٽيءَ جا ٽا نچن
گيت ڏرتيءَ جا تي ڳائي سانوري

رس ڀري جوڀن، ملهاري موهه جي
مند تنها تي ملهائي سانوري

ڪائناتي حسن وئي ٻڌجي وشال
روح کي روڳي ٻڌائي سانوري

❖

هنيانءَ تي پٿر رکي مرندو رهيس
ڏار ٽي توکان سکي مرندو رهيس

مند جي هن پنڌ جي جوڳڻ ڇمار
نينهن جي نانگن ڪکي مرندو رهيس

هن ڪپھ جهڙي سنياسي ساھ ۾
چٽنگ چاهت جي بکي مرندو رهيس

رات پوڙهي چنڊ سان، جوين ڀري
مورتي تنهنجي ڀڪي مرندو رهيس

زهر پاپن جو نہ اوتيو پاڻ ۾
ذائقو بک جو چکي مرندو رهيس

عمر جي هِنَ ڍنڍ تان اڏريو وشال
ڏينهن هر هڪ ٽي ڀکي مرندو رهيس

❖

ڪڙيا احساس پئي گلفام مون تي
گلابن جا لڳا الزام مون تي

لهن ٿا حسن جا پنڇي اکين ۾
ٽين ٿا عشق جا الهام مون تي

چني ڦهلي فضا ۾ جيئن تنهنجي
لٿي مهڪي گلابي شام مون تي

تتي ۾ ڇانورو تون واءُ وڻ تون
لڌي تنهنجي نه پر ڪا لام مون تي

اچي تو پاڻ من جي ميڪدي ۾
جوانيءَ جا لٿايا جام مون تي

مٿي موهن دڙي جي چنڊ پوڄي
عقيدت جا رکيا پيغام مون تي

وشال آيس صديون ويڙهي وکن ۾
جهانن جا ڪليا گس گام مون تي

❖

ڏٺو نرڳي نظر سان چنڊ ماتا
وڳا من جي مندر ۾ گھنڊ ماتا

ٻڌن پنهنجي پيون سي پاڻ ۾ ئي
ٻڏا جن جي اکين ۾ سمنڊ ماتا

نچي ٿا نانگ سر آڏو نمائن
نہ آ مرلي، نہ ڇاڻا منڊ ماتا

سوين سينگارجي سپنا اچن ٿا
چميون ٿي ڏي اکين تي ننڊ ماتا

ڪڏي اوندھ نہ سج ڪنهنجي اندر مان
لتاڙيندو رهي ٿو ڪنڊ ماتا

اڏي ٿو آسرو ڪو دل ڪنول تي
ٿي جوتي جاڳ جا جند جنڊ ماتا

❖

جيون آهي واس مٽيءَ جو
موت ڪري ٿو خاص مٽيءَ جو

اولهه جي اوندهه پئي ڪائي
اوپر جي ئي ماس مٽيءَ جو

ڪيئن ڪٽي ات ساهه سلوڪو
ناهي هُو آڪاس مٽيءَ جو

پٿريلا جي ماٿهو تن وٽ
ڪهڙو آ احساس مٽيءَ جو

ريگستاني وحشت سان آ
رت سڄو اتهاس مٽيءَ جو

ڌرتي ڪيئن وشال ڇڏيان مان
مون ۾ آ وشواس مٽيءَ جو

❖

سپني جي ساپيان ڪڙي پئي آ
مند رابيل جي ٽڙي پئي آ

برف باري جي سرد موسم ۾
ڪا بکي دل ۾ باهڙي پئي آ

سونهن سرهاڻ تي ڇڪي ڇاتي
حسرتن جي ٻه ڪل ٽڙي پئي آ

ننڊ ويڙهي اکيون ستيون ناهن
آ پري پرهه، راتڙي پئي آ

مورتي روپ هوءَ ڏٺيءَ جو آ
هنج ۾ جنهنجي ٻارڙي پئي آ

حسن پياسي، وشال ڪات مٿان
عشق جي آگمي نڙي پئي آ

❖

چا طلسمات تي وئي
رابيل رات تي وئي

ڏک کي جڏهن مون سمجهيو
ڏک کان نجات تي وئي

سورن جو ساز سُڏکيو
ساهن ۾ سانت تي وئي

ويراڳ روح ورتو
جوڳڻ حيات تي وئي

لاحاصلات ۾ ئي
هر حاصلات تي وئي

جو ڏور سو ٻه ويجهو
اک ڪائنات تي وئي

من جيئن وشال مرڪيو
چانڊاڻ مات تي وئي

❖

لٽي سج اپ سنياري سانجھ ڏاري
ستارا ديپ ٻاري سانجھ ڏاري

صدين کان پئي الائي ڪنهن جي ٻيڙي
ندي دل جي نهاري سانجھ ڏاري

امان! تنهنجي چنيءَ جي هير پئي ٿي
اکين تي ننڊ هاري سانجھ ڏاري

جتي سرجيا اتي ئي ويد موٽي
ستا سنڌوءَ ڪناري سانجھ ڏاري

پري ٿي سينڌ ۾ سندور ڏرتي
تو ڏاهر واڳ واري سانجھ ڏاري

گنگا جي خاڪ سنڌوءَ ۾ ٻڏي ٿي
سيئي اشنان تاري سانجھ ڏاري

❖

سپنو نکو سراب اکين جي گلاس ۾
دنيا آ بي نقاب اکين جي گلاس ۾

دل آئيني جي کير اچي روبرو ويو
مهکي لٿو گلاب اکين جي گلاس ۾

گهنگهرو ٽٽا ته ننڊ پريو ڇرک جاڳ جو
زخمي پيو ٿي خواب اکين جي گلاس ۾

ڇرکي هٿن مان جام ڪٽي ميکش ڇڏيا
تنهنجي ڇليو شراب اکين جي گلاس ۾

ٿي بي لباس دل سان ملي حال اور دل
اوتي نه رک حجاب اکين جي گلاس ۾

ڪنهنکي لڳن کي لڙک ميارن جيان متان
رک دل اکين جو آب اکين جي گلاس ۾

هن جي خيال خواب جي ويجهو ويس وشال
پرجي ويو شباب اکين جي گلاس ۾

❖

جي اها عشق جي هوا نہ لڳي
ماڻهو ماڻهو لڳي خدا نہ لڳي

آئينو جي اڳيان رکي ڏسجي
شخص ڪوئي بہ بي وفا نہ لڳي

عشق ۾ ايترو اثر تہ هجي
جو ملي ڪا سزا سزا نہ لڳي

تون نہ منهنجي وفا وفا سمجهين
ڪا بہ تنهنجي جفا جفا نہ لڳي

ڏار توکان رهي نہ خوش گهاريان
ڪر دعا تون تہ ڪا دوا نہ لڳي

واس جنهن ۾ نہ تنهنجي ساهن جو
زندگيءَ ۾ اها هوا نہ لڳي

ابتدا جي نہ سڌ وشال پئي
عشق جي ڪا بہ انتها نہ لڳي

❖

ڪڪوريون ڪيف جوڀن جي اکين سرخ ڳاني تي
محبت جي لڳي ميندي سهاڳڻ زندگاني تي

جواني جي گلابن تي لڏن ٽا پيار جا پوپٽ
خوشي جهولا جهلائي ٿي، فضا دل جي سهاني ٿي

سجائي سيج ارمانن، آ رُت رنگين بڻجي وئي
سندرتا جي ڏسي بارش، جواني آ ديواني ٿي

اسان آ سنڌ ڌرتيءَ جي مٽي مان ئي جنم ورتو
مٽيءَ جي مورتيءَ سان وئي، عقيدت آسماني ٿي

ڏکايو گند شهرن جي، پويتر روح پاڻيءَ جو
سنپاري سونهن صحرا جي، ندي دل جي رواني ٿي

وشال آئي حوا جي ڪيئن پيرن ۾ هلي، جنت
ڪئي آدم عنايت يا خدا جي مهرباني ٿي

❖

نہ پل رات مهڪي فضا خودڪشي ڪئي
اوهان وار ويڙهيا هوا خودڪشي ڪئي

لڳي باهہ دل ۾ سڙيا خواب خيما
اکين ۾ اچي ننڊ آ خودڪشي ڪئي

ٻڌائي پيو هڪ ٻہ نڪري پيو ٻيو
ڏنو درد دوکو دوا خودڪشي ڪئي

مليو جنهن ڪي موقعو نہ ٽر تي وسڻ جو
وسي سمنڊ تي تنهن گهٽا خودڪشي ڪئي

ڪڏهن مون نہ جهاتي اندر ۾ ڪا پاتي
رهي مون ۾ منهنجي خدا خودڪشي ڪئي

وشال اوپرائي ڏسي هُن اکين ۾
جنم ڪان اڳي هئي صدا خودڪشي ڪئي

❖

ٽوڙ زلفن جي اها زنجير دل
جوڙ ڪا پنهنجي نئين تقدير دل

آئينا ڪيڏا متائيندين اجان
وقت جي ساڳي نہ آ تصوير دل

ڏور ڪان هوءَ لانچ ڏيندي ٿي اچي
سمنڊ جي سيني تي ڪيڏا جهير دل

تيئن ڪوئي درد آ تو ۾ دکيو
جيئن گهلي پئي آ ڏکڻ جي هير دل

جو اجان تائين نہ مون آهي ڏٺو
ڪنهن ڪئي تنهن خواب جي تعمير دل

رات هو سپنو لکي ويو ننڊ ۾
جاڳ شرمائي پڙهي تحرير دل

سنڌ ڌرتي ماءُ آدم جي وشال
پاڪ زم زم کان سنڌوءَ جي وير دل

❖

جدائيءَ جو لبن تي جام آيو
صبح کي شام جو پيغام آيو

اڃي عاشق جو ٿو انجام دنيا!
ڪٿي آ عشق جو انجام آيو

گهري لڙڪن دعا جيڪا ڏٺيءَ ڪان
اڏي اکرن ۾ تنهنجو نام آيو

شريفو دل حويليءَ کي بچايو
شهر ۾ حسن آ بدنام آيو

ٿڌي گوتم جي ڌرتي ۽ سکيءَ تي
تتي صحرا جي بک قتلام آيو

وشال آيون سفر ۾ منزلون پر
ڪٿي دل کي نہ پل آرام آيو

❖

شام جي ڪنوار جو ٿي تڪو شام تي
رنگ ريٽو وٺي سج لٿو شام تي

سو مٽيءَ ۾ جواني آ ڳولڻ لڳو
جو صبح کان هلي آ پڳو شام تي

ڏينهن جي سڀ اگهاڙپ لڪي ٿي وڃي
رات پنهنجو رکي ٿي لٿو شام تي

دل! ستارن سان پرجي ويون ٻئي اکيون
تو ڪيو ڪيترو وسوسو شام تي

ڏينهن جي ڏاگهه تي ٻک سڙي سج سان
اپ جوئر جو هاريو اٿو شام تي

وقت جو ڪم نه گذري وڃڻ آ وشال
آ صبح تي نڪي پروسو شام تي

❖

رڳن ۾ ريت ڊوڙي ٿي
اندر جي اڄ ٻوڙي ٿي

سڙيا ساڀيان پريا سپنا
جواني جاڳ چوڙي ٿي

وئي ويجهو نہ ويجهائي
جدائي جوڙ جوڙي ٿي

گهٽا گهنگهورجي دل جي
وڃن ۾ وار چوڙي ٿي

وڃي ٿو وقت جو گهوڙو
مهارون مند موڙي ٿي

نہ تون آهين نہ آڳر ۾
اداسي پير ڪوڙي ٿي

پئي گونگي ڪڪر ڪڻ ڪڻ
سمي جي سانت ٽوڙي ٿي

❖

تنهنجو مومل اداس ماڻو آ
ڪاڪ ڪرهو، نہ رات راڻو آ

ڪالهہ جنهن جا پٽيا هئا تو پر
اڄ اهو ئي پکي اڏاڻو آ

بوند برسي نتي اجارن تي
بارشن جو عجيب ماڻو آ

چنڊ سهڪي پيو ڊڪي تولئہ
رات، تارن جو ساهہ ساڻو آ

جنهن بہ گهر ۾ هجان جتي بہ هجان
دل تہ تنهنجو ئي گهر پراڻو آ

پيڙجون تا جمي مرڻ تائين
زندگي يا وشال گهاڻو آ

❖

پر هٽي آ اڏي ڪوڪ ڪوئل ڪري
ڇا خبر دل ڪٿي هاڻ منزل ڪري

شام جو سرد لهجو ٻڌائي پيو
وقت گهوڙي چڙهيو سج گهايل ڪري

ڪاش ڪايا جي پالوٽ پلٽي پوين
ڪا اکين ۾ رکون رات ڪاجل ڪري

پير تنهنجا ڏڪي جيئن لهرن چميا
تيئن توکي پيو سڌ ساحل ڪري

رات ڪي ڪر وڳو چنڊ بنديا ٻڌاءِ
هل ستارن ڪي پيرن جي پايل ڪري

اڄ ٻه سوچي ويا نيڻ پرجي وشال
عمر ڪيڏا نه پئي سور حاصل ڪري

❖

عمر نچڻي نچي ستي آهي
زندگيءَ ڪان رسي ستي آهي

اڄ صحرا اندر پئي جاڳي
سمنڊ تو ۾ ندي ستي آهي

روح روهيءَ مٿان رقاصا دل
چير چوڙي رکي ستي آهي

ريشمي رات جي هندوري ۾
سونهن سينگارجي ستي آهي

جاڳ جاڳي نهار ۾ جيڪر
ننڊ ڏاهپ ڏڪي ستي آهي

ياد ويهي وشال جاڳي آ
رات ڪا قسمتي ستي آهي

❖

SOORIH SINDHI ADAB

ڏينهن ۾ نظر آئي
رات جي اڪيلائي

ننڊ جي مٿي مهڪي
بوند خواب برسائي

هُن جي اوپرائيءَ ۾
ڪيتري نہ پنهنجائي

زرد روح تي چنري
شام سرخ ڦهلائي

گل ٽٽو تہ ٿاريءَ جي
دانهن دل کي شرمائي

حسن جو خدا ڳولي
عشق جي ٽو پاڪائي

وئي وشال مشڪل ٿي
مرڪ جي مسيحائي

❖

مسافر هليا جي ٻه ها رات تنها
شهر رات جي ۾ هئا رات تنها

ڪڙيا خواب جيڪي، اکين جي فلڪ تي
ستارن جيان سي ٽٽا رات تنها

اڏيا پير جن جا ها ٽانڊاٽا ٻڻجي
ڪنداسي اشارا ويا رات تنها

اسان سور جيڪي اکين ۾ سبايا
ڏٺوسين انهن ۾ خدا رات تنها

ڪيا واءُ واسي سيئي ساهه ساوا
چُمي گل ڪي آئي هوا رات تنها

جڏهن ڪوئي ٻيجل نظر ئي نه آيو
هنئي ڪنهن ٽي سر جي صدا رات تنها

رني جيئن ڊوڙي پنهونءَ پويان سسئي
وئي تيئن وسندي گهٽا رات تنها

سوا تنهنجي مومل جي راڻا هٿن تي
رني رت آهي حنا رات تنها

❖

ڪري ڪيان ٻه اجان مان حقيقتون کھڙيون
پلي مجي نہ مجي ڪو ضرورتون کھڙيون

نہ رنج راھ رسڻ جو، نہ سور منزل جو
نہ هو ڪو ساڻ سفر ۾ شڪايتون کھڙيون

جڏھن وجود ٿئي پنھنجو وجود ۾ ناھي
خيال خواب اسان جا ۽ حسرتون کھڙيون

هٽين ٿو ساھ ۾ ڪندا سڙيا زمانا تون
وٺين ٿو ڪرب اسان جي مان لذتون کھڙيون

ڪٿي سمان آ اپ تان ڪريل ستارن جو
آ کھڙو ناز انهن جو، نزاڪتون کھڙيون

اسان تہ پاپ ۽ پُن ڪان گھٽو مٿي آھيون
پلي ڪو جيئن ٻہ سمجھي و ضاحتون کھڙيون

حسينُ ڪير آ ڪيڏو اسان جو ان سان ڇا
اداس آئينو دل جو تہ صورتون کھڙيون

❖

رقص جي کو روح ۾ الڪو بہ آ
چير جو چمڪو بہ آ سڏڪو بہ آ

هوءَ نظر هر هر پئي جا مون مٿان
ڏانهن سمجهان ٿو مگر ڌڙڪو بہ آ

آس جي جهولي نہ حسرت ساڻ ڀر
ڀروسي جي هنيانءَ ۾ ڪٽڪو بہ آ

اپ جي نيت، خبر ناهي تہ ڇا
مينهن جو وسڪار آ تڙڪو بہ آ

هوءَ اچي ٿي وڻ وڄن ٿا واءَ ۾
ڪجھ ڀنن تي چير جو چمڪو بہ آ

بادلن مان چنڊ ڪوليندو اکيون
رنگ ٽيڙو رات جو هلڪو بہ آ

ڇو لڳي ٿو سمنڊ ڇوليءَ ۾ وشال
آب سان گڏ باھ جو ڀڙڪو بہ آ

❖

لهوءَ سان رچائي غزل زندگيءَ جو
تو شاعر ٻڌائي غزل زندگيءَ جو

هٿا پير، پايل سچا سر دڳن ۾
پئي وک وڃائي غزل زندگيءَ جو

ڏنو عشق کي مون پري رنگ خوشبو
گلن ۾ لڪائي غزل زندگيءَ جو

اچي آڱرين سان تنديون چيڙ تن جون
کو دل گنگنائي غزل زندگيءَ جو

ڏيئو ئي نہ ٻاريو هيو تنهنجي دڳ ۾
رکيو هو جلائي غزل زندگيءَ جو

پکي، وڻ، نديون، کيت، بادل، پهاڙيون
تو سڀ مان چتائي غزل زندگيءَ جو

چريو من اسان جو آ مردن اڳيان جو
پيو روز ڳائي غزل زندگيءَ جو

وشال اڄ بہ موهن دڙي جي اکين ۾
پيو مسڪرائي غزل زندگيءَ جو

❖

دل ڪٽي آئيني پگھل وانگي
عمر گذائي پئي غزل وانگي

آءُ موهن دڙي ۾ ڏس مونکي
زنده آهيان مري ويل وانگي

هي پٿون پير، سڌ منزل جا
واٽ آڏو اڀي جبل وانگي

ساهه ٽاندڻ جيان پيو ساڙي
دل ۾ جنهن کي ڏٺو ڪنول وانگي

ريشمي رات وار تنهنجا ها
چنڊ جن ۾ هيو بڪل وانگي

خواب هن جو وشال هو جنهن جا
انگ اريا پئي اجل وانگي

❖

ٻيو نٿا ڪجھ ٻہ ڪچن رات جا خالي رستا
پير تنھنجا ٿا پچن رات جا خالي رستا

پنڌ جي ڪنڌ مٿان لانگ ورائين ٿي تون
ڪھڪشائون ٿا اڏن رات جا خالي رستا

ساز چوڙين جو ٻڌي خواب نہ چرڪي ڊوڙن
ننڊ اُچلي نہ اُٿن رات جا خالي رستا

سج مٽيون اپ جي سڳي مان ٿو وجي سُرڪي جيئن
منھنجي ھٿ ۾ ٿا رلن رات جا خالي رستا

آس صحرا ۾ نہ گل ڪو ٻہ ٽڙيو منزل جو
خار ٻڻجي ٿا چڀن رات جا خالي رستا

سُور ساڳيو ئي وشال آھي اڪيلائيءَ جو
مون جيان ئي ٿا لڇن رات جا خالي رستا

❖

تنگ آ زندگي تنگ جي ٽو وجان
لمحي لمحي مري سنگ جي ٽو وجان

نينھن ۾ نانگڻيون، جيءُ جوڳي ڪري
منڊ مرليءَ ٻنا ڏنگجي ٽو وجان

پير آجا ڪري وک وڌايان ٽو پر
منزلن کان اڳي ونگجي ٽو وجان

هر مريم مون ۾ عيسا سيئي مون اندر
سڪ صليبن جيان ٽنگجي ٽو وجان

ڪائي گرهڻ لڳي ٿي وجي روح کي
شل جدائي نہ ٿي زنگجي ٽو وجان

رنگ منھنجو نہ پنھنجو رهيو ڪو وشال
هر نئين رنگ ۾ رنگجي ٽو وجان

❖

لڙڪن سان ڪر نہ آلو، آنچل سنيال پنهنجو
ويندئي وهي اکين مان، ڪاجل سنيال پنهنجو

هڪ زندگي پڙاڏو، ٻي زندگي جو آهي
جوگل ٽڙيو نہ تو ۾، سو گل سنيال پنهنجو

ڪنهن آس جي ٽنڊ تي، تون پي ٽني پئي آن
هاٽي وجود پگلي، گهائل سنيال پنهنجو

انمول زندگيءَ جي، انمول هي جواني،
ڪنهن جي نہ ساڙ ڏک ۾، پل پل سنيال پنهنجو

جهاڳي تڪي پئي آن، تون سمنڊ عمر جي کي
لهرون ڇڏيندئي لوڙهي، ساحل سنيال پنهنجو

تون روپ، رنگ گل جو، تون ئي وشال خوشبوءِ
شبنم هوا سان ناتو، نرمل سنيال پنهنجو

❖

دل ٿي چوي تہ دل جي ڪجي بات آخري
شايد آ زندگيءَ جي ملاقات آخري

پنڇي اڏيو تلاءَ تان لهرن اکيون پٽيون
جاڳي ستي اڏار جي جذبات آخري

موقعو وري نہ وقت متان ڏي ڪڏهن ڪٿي
پنهنجا ٻڌاءِ کولي خيالات آخري

سوچيان پيو تہ پنهنجي ملڻ جي نٿي پوي
پهرين اجوڪي رات ئي بس رات آخري

ڪنهن خواب جي لڳي نہ ڪٿي پير ۾ ڪنڊو
برسي پوي نہ ڏڳ ۾ ڪا برسات آخري

ٻوٽي جي ٻانهن تان نہ ٽٽي ٽار اي وشال
مکڙي ٽڙي گلاب جي پرڀات آخري

چاندوڪي رات ۾ صحن وانگي
حسن معصوم آ گلن وانگي

ننڊ منهنجي ڪرين تي نيٽن ۾
ڪول سپنا ڪري ٻچن وانگي

رات آڳر ۾ چوڙين ڇڻ ڇڻ
زندگيءَ جي هئي سڏن وانگي

ريشمي رات جي هو سيني تي
چنڊ تنهنجي ڇتو بدن وانگي

زرد رشتا هئا هوائن ۾
دل جي وڻ مان ڇڻيا پنن وانگي

سڀ ڪي احساس هيڪلائيءَ جو
بي حسي شهر جي برن وانگي

فرش تان عرش تي پڄائي ٿو
عشق انسان جو پرن وانگي

❖

وڻ وڻ مان تنهنجي، خوشبو اچي ٿي
پن پن ۾ تنهنجي، پايل وڄي ٿي

تون ئي ڪٿي پئي، هر ساهه ڳل مان
مکڙي ۾ تنهنجو، گھونگھٽ لڳي ٿي

تنهنجي جوانيءَ جي بادلن جي
رحمت الائي ڪاٿي وسي ٿي

هر رات تو ۾ ٽمڪن ستارا
هر ڏينهن جي اڪ تو مان ڪلي ٿي

ڪا ڏور مونکي، تو ڏي ڇڪي پئي
تنهنجي ٻه وڪ وک مونڏي ڪڄي ٿي

سهرا هوا ۾، سرخي فضا ۾
ٿي شام تنهنجي، ميندي لهي ٿي

❖

ٻاري اوندهه کي همسفر هلبو
منزلن جي ڪٽي سحر هلبو

ڪنهن گرهه وات مان ڪڍيو هن جي
ڳوٺ ڪچ تي ڪٽي شهر هلبو

رڪُ اکين مان اهي ڪڏي منظر
اي سکي اڄ نئين سفر هلبو

ننڊ کن رات جا جڏهن رستا
پنڌ پهري انهيءَ پهر هلبو

ڇا خبر دين ۽ ڌرم نالي
سنڌ مان ئي تي دربدر هلبو

نيٺ هلبو ڪڏهن ته هلبو پر
ساهه سنڌ جي ڪري نظر هلبو

دير ڪيڏي به ٿي وشال ڀلي
پاڻ پنهنجي ضرور گهر هلبو

❖

پئي دل ڪيترو خاموش ڳولي
محبت جو اجان آغوش ڳولي

اڄي هر روز مقتل جي گهٽيءَ ۾
الائي ڇا پيو مدهوش ڳولي

جي گهايا پٿرن ۾ پير پنهنجا
سي اڄ منزل پئي گلپوش ڳولي

پريل مڌ سان اکين جا سرخ پيالا
جوانيءَ جو پئي دل جوش ڳولي

اسان ديوانگيءَ جا فرد آهيون
متان ڪوئي اسان ۾ هوش ڳولي

ڪيو سنگسار ته و عيسا نہ جنهنکي
اها عورت ڪٿان نردوش ڳولي

ٿي وهي اڳيان واري هر ندي زماني ۾
چو پئي رلائين دل! تشنگي زماني ۾

عمرا هن غريبيءَ جي داغدار ڇهري کي
ڪانہ ٿي ڏٺري پنهنجو آرسي زماني ۾

بي سڪون دل جي هر درد جي دوا ٿيندي
پاڻ درد بڻجي وئي شاعري زماني ۾

جيئن وڃي وڻن ۾ ٿو گيت ڪو هوائن جو
لام لام بڻجي ٿي نرتڪي زماني ۾

ساھ ٿو بچايان ڏئي ساھ کي نئين آٿت
روز ٿي وڃهي پاڪر، خودڪشي زماني ۾

هر صبح سويري جي اک ڪلڻ ڪان اڳ دنيا
ڪئي وشال آ انڌي، روشني زماني ۾

❖

SOORIH SINDHI ADAB

جاڳ ٺاري گلاب کان خالي
ننڊ آئي ۽ خواب کان خالي

بي قلي وڻ جيان سوال سيئي
اڄ ۽ تنهنجي جواب کان خالي

سور جا ئي سلا نہ ساوا ٿيا
عشق کھڙو عذاب کان خالي

سونهن تنهنجي اجان ۽ ساڳي آ
اک مگر آ حجاب کان خالي

ميڪدي جي پناهہ ٿو ڳولي
جسم شيشو شراب کان خالي

تو پڄاڻان پيو وشال لڳي
سمنڊ ناهي سراب کان خالي

تنهنجي پانهن جا جي ڏتا آهن
خواب چوڙين جيان ٽٽا آهن

تي ننهن کان سجائين چوٽي پر
زيورن جا ٻہ دائرا آهن

ان اکين جي بهار کي ڏسندي
ٻڄي پٽر ٻہ گل ويا آهن

عشق تصوير تو ڏسي پنهنجي
حسن جا انگ آئينا آهن

تو اکين جي بخار تي نہ کڏهن
گل هٿن جا رکيا تڏا آهن

ياد تنهنجيءَ جي سرخ پيرن ۾
سور ڇيرين جيان وڳا آهن

تو چنيءَ جي وشال ڇانوَ کري
دل ۾ دکندڙ نہ ڏک ڏٺا آهن

❖

هوءَ مهاڻي ڇوڪري سمجهي پئي
ناوَ جي منزل ندي سمجهي پئي

کير هُن جي آ انگن جي اوت ۾
رقص پنهنجو ناچڻي سمجهي پئي

شبنمي تنهنجي جوانيءَ کي ڏسي
عمر پنهنجي تشنگي سمجهي پئي

ڪوبہ تنهنجو ڏک نٿي وستي ڪري
شهر تنهنجي بيوسي سمجهي پئي

دل جي ڌڙڪڻ جي سباجهي ساز کي
ان اکين جي نغمگي سمجهي پئي

ڇو نرم لهجو هوا جو ٿي ويو
مرڪ تنهنجي ريشمي سمجهي پئي

ڪيئن وڇائي واٽ پيرن ۾ وشال
دل وئي هن ڏي وڏي سمجهي پئي

❖

پل پھر پيو حساب ڪي چاھي
عمر ڪيسين عذاب ڪي چاھي

جو نہ ھڪ لفظ جي پڙھي خوشبو
ڪيئن پيو سو ڪتاب ڪي چاھي

ننڊ آھي ئي باغ خوابن جو
جاڳ منھنجي ٿي خواب ڪي چاھي

سمنڊ مرڪيو اکين ۾ صحرا جي
ساھ ويٺو سراب ڪي چاھي

بي خيالي خيال ۾ جنھن جي
ڪير اھڙي شباب ڪي چاھي

عشق جو آئينو وشال آ دل
ڪير خانہ خراب ڪي چاھي

❖

خواب شيشي جا ڀڳا روشنيءَ جي شهر ۾
نيڻ ٿي پٿر وياءِ روشنيءَ جي شهر ۾

انڌياري ڳوٺ ۾ جن سڄاتو ڏور کان
شخص ٿي وياسي انڌا روشني جي شهر ۾

بي حسيءَ جو زهر آ، بي وسي جي باھ آ
بي اثر دل جي صدا روشنيءَ جي شهر ۾

ساھ سازن جي صداءِ دل رقاصا جو بدن
روح ۾ گهنگهرو وڳا روشنيءَ جي شهر ۾

ڪيتري انسان ٿا، گندگي ڪن سمنڊ تي
پئي روئي شبنم هوا روشنيءَ جي شهر ۾

ڪنهن نشيلي نينهن جو، دل اندر نغمو نہ آ
زندگي آهي بہ ڇا روشنيءَ جي شهر ۾

جي نوازن سور سان تون ڪڏهن تن کان وشال
گهر نہ دردن جي دوا روشنيءَ جي شهر ۾

❖

بدن جي سرخ لهرن ۾ ڪنول هو
خدا جي روح جو تازو غزل هو

اگهاڙي چنڊ پئي اپ تان ڇتايو
رئي جو رخ مٿان پردو لٽل هو

محبت جو نئون معصوم جذبو
جواني جي هندوري ۾ ستل هو

مون پنبڻين ۾ ستارا پئي لڪايا
پيو برسي الائي ڪيئن پل هو

نظر ۾ نياز البيليون ادائون
سڀاجهي سونهن جو رشتو رتل هو

نہ سمجهو سمنڊ ڪي پي سمنڊ پئي هُن
هو پنهنجي پياس ۾ ڪيڏو ٻڏل هو

❖

ورق يادن جا دل ورائي ڇڏي
ڪجهه لڪائي ڇڏي ڪجهه ٻڌائي ڇڏي

گل آ چپ چاپ پر سندس خوشبو
پنهنجي جوڀن جا گيت ڳائي ڇڏي

ڪيس ننگيون اکيون پيون ڳولن
خوشبو گل جو لباس پائي ڇڏي

هير ڳائي ڇڏي خواب جا سهرا
ننڊ نيڻن سان هٿ ملائي ڇڏي

ڳوٺ خُمارجي ويو توسان
رات چانڊاڻ مسڪرائي ڇڏي

ڪو پڪاري پيو پنيان شايد
اڄ ٻه وڪ وک ڪڏهن ڪنائي ڇڏي

جيئڻ ڇو ماضي وشال پر ڪولي
درد جي ڏوڙ دل اڏائي ڇڏي

❖

ڌرتي ٻہ جوڳياڻي، هُو آسمان جوڳي
ڙنکي لڳي پيو هي سارو جهان جوڳي

تنهنجي ڪلا تي ڦهري ٿا نانگ سر نمائن
تنهنجي ڪنن ۾ والا مرلي نشان جوڳي

تنهنجو لباس گيڙو، تنهنجو وجود گيڙو
تنهنجا خيال گيڙو، گيڙو ڌيان جوڳي

منهنجي وئين اکين ۾، پنهنجون اکيون سمهاري
تنهنجو ڏسان ٿو دل ۾ مان آستان جوڳي

ٿوري گهٽي ڏهاڙي حد کان ٿين ٿا لاحد
هر ساهہ آ مسافر، منزل جو مان جوڳي

صحرا جي سينڌ تنهنجي پيرن جي ڇانوَ ۾ آ
ڪهڙو مڪان تنهنجو، تون لامڪان جوڳي

اوتي وشال امرت، آديسين اجاري
منهنجي پريو اندر ۾ گونگو گيان جوڳي

❖

خواب ٻڌي اکين ۾ اچي ڪير ٿو
ننڊ جي آئيني تي نچي ڪير ٿو

جيئن حالات مونکي وسائڻ گهرن
تيئن منهنجي اندر ۾ مچي ڪير ٿو

ٿي پڪي ۾ پڪو ٿو رهڻ چاهيان
روز مونکي گهرائي ڪچي ڪير ٿو

ذات منهنجي ئي مونکي ڇڻ آ لڳي
اڄ رڱن ۾ هي منهنجي رچي ڪير ٿو

قوم غدار ڪي جي سجاڳي نٿي
باھ ڪان پوءِ ڏسجي بچي ڪير ٿو

ماس ٽاندن تي پنهنجو رکيو آ وشال
هاڻ ڏسجي ته گڏجي پچي ڪير ٿو

❖

ڏنو تنھنجي نيڻن پتو زندگيءَ جو
ٿي آسان ويو فلسفو زندگيءَ جو

اسان تي ته ٽورا ڪيا زندگيءَ پر
اسان به گھٽو آ سٺو زندگيءَ جو

خوشي تنھنجي، منھنجي جياپي جو ڪارڻ
تنھنجو غم به آھي حصو زندگيءَ جو

تنھنجي ياد جا ريشمي ٿانَ کولي
اکين سان چمان ٿو ٽپو زندگيءَ جو

سوا منھنجي پيو ڪجھ گھريو تو نہ مونکان
لھي نہ تہ پوي ھا لٽو زندگيءَ جو

ھي دنيا جو ميلو مٿل پاڻ جھڙا
چڙھي رنگ ھليا رتو زندگيءَ جو

ھٽي موت چندا ٿو امرت جا منھن ۾
لھي ٿي نٿو پر نشو زندگيءَ جو

❖

ڪڙيو هن نگر ۾ منهنجو چنڊ هوندو
سپين جي نظر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

سي پاڻيءَ سان گڏ هوندا چمڪيا ڪنارا
لٿو جنهن ٻہ سر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

فضائن ٻڌا هڻندا ڪرڻن جا گهنگهرو
نچيو جنهن پهر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

انهيءَ گهر تي هوندو فرشتن جو پهرو
رهيو جنهن ٻہ گهر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

پڇيو ڪنهن ستاري جڏهن منهنجو هوندس
لڪي ويو ڪڪر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

ڇو چوڏاري وڏندي وڃي پئي چٽائي
وشال اڄ سفر ۾ منهنجو چنڊ هوندو

❖

چاھ گلڙن جو چس گلابن جو
کو ملیو ئي نہ گس گلابن جو

ھو اکيون عشق جون چمن ھا ڏکي
جي ھلي ھا کو وس گلابن جو

کيتري ناز سان، نزاڪت سان
پيتو پوپٽ پئي رس گلابن جو

سونھن پنھنجي کٽي اکين ۾ تون
باغ ۾ل پوءِ پس گلابن جو

کير ايندو جو ھوءَ کٽي ان لئہ
بيٺي در تي آ تس گلابن جو

جو پچين ٿو وشال تون کنھنکان
ڏيندي خوشبو ئي ڏس گلابن جو

عجب احساس پاليون ٿا اندر ۾
وڏا وشواس پاليون ٿا اندر ۾

ڇيو هو سمنڊ ۾ درياهه لهندي
اسان پي پياس پاليون ٿا اندر ۾

ڇيو ڪندبن نہ پڇ شاعر اسان ڪان
گلن جا واس پاليون ٿا اندر ۾

مني آ زندگي جهڙي بہ آهي
جيئڻ جي آس پاليون ٿا اندر ۾

اچي ٿي دانهن شهرن مان اها ئي
پيا حيراس پاليون ٿا اندر ۾

وشال آبادين جي رونقن ۾
ڪي جڻ بنواس پاليون ٿا اندر ۾

ڏک مٽيءَ جو بيان ٿي ويندو،
ڏوڙ هُو، آسمان ٿي ويندو.

باھ ٿو ڏي پيو جو ڌرتيءَ کي،
خاڪ سو خاندان ٿي ويندو.

تون غدارن سان گڏ، تہ تنهنجو
بي ضميري نشان ٿي ويندو.

تنگ انسان کي ڪرڻ وارا،
تنگ تولئہ جهان ٿي ويندو.

ڪوڙ تنهنجا ٻڌي ٿو ٻالڪ آ،
هي سياڻي جوان ٿي ويندو.

تنهنجو آهيان سنڀال تون مونکي،
مون کان منهنجو ڌيان ٿي ويندو.

جي عدالت سزا ڏي مجرم کي،
ملڪ منهنجو مهان ٿي ويندو.

❖

هو ويو ايئن زندگيءَ جي ويجهڙو،
جيئن وڃي ڪو خودڪشيءَ جي ويجهڙو.

مچ تان نظرون ڪٽي جاڏي ڏنم،
هو انڌيرو روشنيءَ جي ويجهڙو.

ماءُ ڪي ماضي اچي ويو ياد هو،
ڏيءُ ڏسندي آرسيءَ جي ويجهڙو.

وقت جي مومل نہ لاٿو خود نقاب،
۽ نہ پهتس مان چنيءَ جي ويجهڙو.

چانڊني مان باھ تي پوندي ڏٺي،
هوءَ جڏهن آئي بتيءَ جي ويجهڙو.

درد هن جو ايئن دل سان آ ٻڪيو،
جيئن ڪوئي وَر ونيءَ جي ويجهڙو.

✣

نازڪ جسم جي گرمي نازل نہ ٿي پوي،
تنهنجي نئين جواني قاتل نہ ٿي پوي.

هٿڙا نہ ڏي هٿن ۾ ايڏو نہ آ قريب،
هڪ هوشمند جذبو غافل نہ ٿي پوي.

لهرن ۾ خود کي لوڙهي حاصل جو مون ڪيو،
تنهن چين جو بہ دشمن ساحل نہ ٿي پوي.

ان شبنمي چپن جي هر مرڪ آ شرير،
نظرن جا ناز ڪان من گهايل نہ ٿي پوي.

آشا جا ديپ ٻاري درپن ڏسي سگهان،
تنهنجو هي عشق وچ ۾ مائل نہ ٿي پوي.

مينديءَ سان تون هٿن تي نالو نہ لک 'وشال'،
منهنجو لهو بہ ان ۾ شامل نہ ٿي پوي.

❖

کيترو هُو پياسو ساگر پئي لڳو،
خير ڏيندڙ خود گداگر پئي لڳو.

ميزباني پاڻ پيو پنهنجي ڪري،
پنهنجي گهر ۾ ئي مسافر پئي لڳو.

هن سوا چپ چاپ هئي ماحول ۾،
جڻ ڏڪارو گهر جو آڳر پئي لڳو.

مون ڏسي هن کي، ڏنو جو چنڊ کي،
چنڊ پيي هن جو ثناگر پئي لڳو.

وقت جنهن تي ٿي لکيون ناڪاميون،
هن جو جيون اهڙو ڪاڳر پئي لڳو.

خيال اهڙي ۾ هيو رهندو 'وشال'،
جنهن ۾ مؤمن ۽ نه ڪافر پئي لڳو.

❖

منهنجي ٽڪل اکين ۾ سپنن جو قافلو،
صحرا مان جڙ ٿو گذري گلڙن جو قافلو.

هن جو اداس چهرو مونکي چيو پيو،
نيڻن ۾ چڍ لڪائي لڙڪن جو قافلو.

ان راهه جي لبن تان سرخي نه آ لٿي،
گذريو آ جنهن تان گهايل قدمن جو قافلو.

هڪڙي ئي گل لڳڻ سان جيڪو وڃي مري،
دنيا تي آٿي ان لئه پٿرن جو قافلو.

ٻوٽي اکيون ٻئي هو ڌرتيءَ ۾ ويو هليو،
منهنجي دفن ٿيو دل ۾ جذبن جو قافلو.

اس جاڻ هاڻ آئي، اڏ ڪو اجهو ”وشال“،
هتندو وڃي ٿو هو ڏس ڪکرن جو قافلو.

❖

درد تنهنجي جي وٽي خوشبو پئي،
ياد تنهنجيءَ مان ڇٽي خوشبو پئي.

تنهنجي پيرن جي پٽي جنهن هير ۾،
سا هوا ساري ٻٽي خوشبو پئي.

سارو جيون ئي ويو هڳاءُ تي،
ڀڪي ڀڪي بک هٽي خوشبو پئي.

تنهنجي پويان ٿي وتي هلندي ائين،
پيرا ڇڙ تنهنجا ڪٽي خوشبو پئي.

هن سمي توسان ملڻ جي ڪشمڪش،
سوچ جي مڪڙي ڇٽي خوشبو پئي.

گل لتن ۾ ٿا وجن ڪچليا "وشال"
ٿورا دنيا جا ڳٽي خوشبو پئي.

لتاڙي صحرا گلن جي قريب آياسين،
نہ گل مليا تہ ڪنڊن جي قريب آياسين.

هئاسين گهر ڪان سکن جي ئي لاءِ نڪتا پر،
اجان بہ دوست ڏکن جي قريب آياسين.

تڏهن بہ جام اسان جا سدا رهيا خالي،
جڏهن بہ موکي! مٽن جي قريب آياسين.

سمورو ڏينهن اسان چانوَ کي پئي ڳوليو،
لهي ويو سج تہ وڻن جي قريب آياسين.

پڇين ٿو حال تون کهڙو اسان کان منزل جو،
اجان تہ صرف دڳن جي قريب آياسين.

"وشال" پاڻ کي تنها اسان اتي پاتو،
جڏهن بہ سڏ ڏئي سڏن جي قريب آياسين.

❖

مون کان ٻه وني ڪوئي مان خواب ڪپايان ٿو،
مرڪي يا ڪڏهن روئي مان خواب ڪپايان ٿو.

آزاد حياتيءَ جا، مون جيڪي ڏٺا آهن،
هر خواب ڪٽي ڏوئي، مان خواب ڪپايان ٿو.

احساس وڪامن ٿا، جذبات وڪامن ٿا،
وڪجي ٿي وجي لوئي، مان خواب ڪپايان ٿو.

هي خواب اٿم پاليا، هر حال ٻچن وانگي،
هر خواب آ منهنجو ئي، مان خواب ڪپايان ٿو.

پگوان وڪامي ٿو، رحمان وڪامي ٿو،
ايمان آ پيسو ئي، مان خواب ڪپايان ٿو.

جنهن خواب ”وشال“ اُٿيا، انسان جي عظمت جا،
مايوس آ من سو ئي مان خواب ڪپايان ٿو.

زهر قاتل هو، پي ويا آهيون،
نيٺ وچڙي بہ جي ويا آهيون.

ٻئي چئون ٿا تہ ڏار خوش آهيون،
کوڙ ڪيڏا سکي ويا آهيون.

جي وسايا وڄن ٻرن تي ٿا،
پاڻ سي مينهن ٿي ويا آهيون.

زندگي رقص حسرتن جو آ،
پاڻ گهنگهرو ٻڌي ويا آهيون.

هي زمانو سڄو شڪاري آ،
پاڻ ٻڌجي پکي ويا آهيون.

آسري جي "وشال" بوتل ۾،
کير وانگي ڪري ويا آهيون.

پير ۾ دل جي راھ ڏڙڪي ٿي،
تون اچين ٿي نگاھ ڏڙڪي ٿي.

زندگي لوڪ ٿو چوي جنھن کي،
ساھ اندر ۾ سا آھ ڏڙڪي ٿي.

مينھن جي مند ۾ اڪيلائي،
آرزو بي پناھ ڏڙڪي ٿي.

ساھ تنھنجو ٿو ساھ ۾ مھڪي،
ساھ ۾ واھ واھ ڏڙڪي ٿي.

دل ۾ دل جي حيات ٻڏجي ھيءَ،
دل تہ تنھنجي الله ڏڙڪي ٿي!

دل نديءَ جي "وشال" سيني ۾،
ناوَ تنھنجي ملاح ڏڙڪي ٿي.

SOORIH SINDHI ADAB

وشال سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن جي قلم جي سگهه آڪاس جي وشالتا جيڏي آهي، سندس تخيل جي اڏار حدن جي حصارن کان گهڻو اڳتي آهي، سندس شاعري ۾ اُفق جا ماوراءِ شفق جي معصوميت آهي، وشال پنهنجي شاعري ڪينواس تي سمنڊ جي گهرائي ندين جا وهڪرا پکين جون ڏگهيون قطارون هوائن جون سرگوشيون موسمن جا سنيها تارن جي ٽم ٽم ۽ چانڊوڪيءَ جي چلولائين جا فسانا ڪمال جي ڪاريگريءَ چٽيا آهن، وشال جي شاعري ڦلواڙيءَ جو هر گل پنهنجي خوشبو سان پڙهندڙ جي مزاج ۽ ماحول کي مهڪائي ڇڏي ٿو، وشال جي شاعري جون پاڙون پنهنجي ٻولءَ جي نج پٽي سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ ۾ کتل آهن، وشال جي شاعري زميني حقيقتن جي عڪاس آهي، سندس شاعري اهو آئينو آهي، جنهن ۾ سماج جو بدنما چهرو تمام ويجهڙائي سان ڏسي سگهجي ٿو، انيڪ وارتائن ڪهاڻين ۽ قصن جو جهان پسي سگهجي ٿو، وشال غزل انتهائي سگهارو ڪوي آهي ۽ سندس فطرت جي رنگينين جو مظهر آهي.

وسيم آڪاش سيتائي

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي ۾ هينئر جيڪا صنف سڀ کان گهڻي مقدار ۾ لکي وڃي ٿي اهو غزل آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ شاعر غزل لکي رهيا آهن. سوشل ميڊيا اچڻ کان پوءِ شاعرن جو تعداد ميڻهن ۾ ڪنيين جيان وڌيو آهي. سوين غزل روز اپلوڊ ٿين ٿا. غزل جي شاعرن جي اهڙي ٻوڏ ۾ غزل کي سمجهي پنهنجي اصلي رنگ ۽ مزاج ۾ لکندڙ شاعرن جو تعداد بنهه ٿورو آهي، ڪي چاليهه پنجاهه شاعر ٿي ٿيندا. جيڪي غزل کي پنهنجي سيني حسناڪين سان لکي رهيا آهن. انهن چاليهه پنجاهه شاعرن ۾ وشال کي غزل جو اهم شاعر تور ڳڻي سگهجي ٿو. وشال وٽ سنڌي غزل جو اصلي مزاج ۽ لهجو ملي ٿو. مان چوندو رهيو آهيان ته سنڌي غزل جو اصلي حسن ان جي سادگي آهي. غزل جو مزاج اهو ناهي ، جنهن ۾ هڪ سٽ ۾ چار چار ترڪيبون ۽ تشبيهون ڏنيون وڃن. يا شعر کي ڳرو ڪرڻ لاءِ فڪر جون بي مقصد ابهام ڀريو وڃي. اهڙي غزل پڙهڻ سان ذهن هلڪي ٿيڻ بجاءِ ڳورو ٿي پوي ٿو. وشال جي غزل جي وڏي خوبي اها ته وشال جي غزل کي پڙهڻ سان ذهن صبح جي هير وانگر هلڪو ۽ تازو ٿي پوي ٿو. سنڌي غزل جو حقيقي روپ وشال جي غزل ۾ ملي ٿو.

معصوم بخاري

SOORIH SINDHI ADAB

رقص جي کو روح ۾ الکو بہ آ،
ڇير جو ڇمڪو بہ آ سڏڪو بہ آ.
(شال)

وشال! ڪيترن ڏينهن کان سوچيندي نيٺ اڄ تنهنجي ذات جي پورهئي، ايندڙ نئين ڪوتا ڪتاب ”اکين جي گلاس ۾“ کي بنهه ٽوڙڙو ڊيڪوڊ ڪرڻ لاءِ قلم کڻي ورتو اٿم، تنهنجيون ڪوتائون پڙهندي محسوس ڪيم تہ تنهنجي نانوَ جيان، تنهنجين سوچن ۽ خيالن ۾ بہ حد درجي جي وشالتا آهي پر گڏوگڏ اهو ٻيو چونديس تہ اها وشالتا جنهن نقطي تي ڪنورج Converge ٿئي ٿي اهو آهي درد ۽ ڪروڌ. شاعريءَ جي وصف ٻلي کهڙي بہ لکي وڃي پر آئون ائين چوندس تہ هيءَ ان اڪيلائيءَ، بنهه تنهائيءَ جي نندي پيڻ آهي جيڪا هشامن، هجومن ۾ بہ پنهنجا سنڌا برقرار رکندي آهي، جيڪا پاڻيٽي ۾ هڪ گهاو وانگر پلبي آهي ۽ ڪوتائن جي صورت ۾ رسندي رهندي آهي ۽ اها اڪيلائي وشال تنهنجي جي ڪوتائن ۾ وک وِک تي نظر اچي ٿي، تنهنجي تخليق ۾ احساسن جي اوت ايتري تہ امالڪ ۽ پاڻمرادي آهي جو پڙهڻ سان اکيون ڪن پل لاءِ پنڊ پهڻ بڻجي وڃن ٿيون، بنا مبالغي جي چونديس تہ تو جيڪو ڪجهہ بہ لکيو آهي لاجواب لکيو آهي، وشال! آئون تنهنجو شمار انهن تخليقڪارن ۾ ڪندي آهيان جيڪي قلم جون حرمتون قائم رکندي، ڪيتريون ئي ويڙهون وڙهندي نظر ايندا آهن، پيٽ جي ويڙهہ، جبر و استحصال خلاف ويڙهہ، زندگيءَ جي ڪيترن ئي ڏکن ڏوجهرن جي ويڙهہ ۽ انهن سيني ڪان بنهه مٿاهين ويڙهہ، ضمير جي ويڙهہ، ايترن محاذن جا زخمي وجود پوءِ بہ آڻ ناهن مڃيندا ۽ پنهنجي هٿن ۾ تبديليءَ جو لال پرچم هميشہ سربلند رکندا آهن. وشال! تنهنجي نئين شاعريءَ جي مجموعي ”اکين جي گلاس ۾“ اچڻ تي نهايت گهڻي سرهائي محسوس ڪري رهي آهيان، هيءَ ڪتاب اندر جي انيڪ ڪيفيتن جي اظهار سان گڏ ڌرتيءَ جو ڇڪايل قرض پڻ آهي، مون کي يقينن آهي تہ سنڌ واسي هن ڪوتا ڪتاب کي ڄجهو مان ڏيندا.

رخسانہ پريت

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488